(عربي اردو، سنڌي، گجراتي انگلش، بنگالي ۽ هندي) ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين

Islamic Family Magazine | رنگین شمارہ

ماهوار

فيضانِ مدينه

(دعوتِ اسلامي)

ڊسمبر 2025ء / جُمادي الأُخريٰ رجب المرجب 1447

- اسلام ۾ انساني جان جي قدر ۽ قيمت
- صديق اڪبر رضي الله عنه جون خواهشون
- ڌيئرن ۾ خود اعتمادي پيدا ڪيئن ڪيون؟

واپار جا احڪامَ

مفتي ابو محمد علي اصغر مدني

وياج تي قرض وٺي مال ٺاهيندڙ ڪمپنيءَ ڪان شيءِ خريدڻ ڪيئن آهي؟

سوال: عالمَ سڳورا هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن ته اهڙي ڪمپنيءَ ڪان مال خريد ڪرڻ ڪيئن آهي جنهن وياج تي قرض وٺي مال ٺاهيو هجي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: ڪمپنيءَ جو شرعي ضرورت ڪان سواءِ وياج تي قرض وٺڻ ناجائز ۽ حرام آهي، ۽ ڪمپنيءَ جو وياج ادا ڪرڻ به ناجائز ۽ حرام آهي. اهو اضافو جيڪو ڪمپني وياج جي مد ۾ ڏيندي، اهو ناپاڪ ۽ خبيث مال هوندو، ۽ اصل ۾ ان اضافي کي وياج چئبو آهي. البته، هن قرض ۾ ڪين جيڪي پئسا مليا، اهي ذاتي طور تي حرام نه بلڪ حلال هئا، تنهنڪري انهن پئسن سان ڪمپنيءَ جيڪو مال خريد ڪيو ۽ ٺاهيو، اهو به حلال رهيو. تنهنڪري، اهڙي ڪمپنيءَ ڪان، جنهن وياج قرض وٺي مال ٺاهيو هجي، ڪنهن به شخص جو مال خريد ڪرڻ جائز آهي. پر جيڪڏهن ڪمپنيءَ جي وياج تي قرض وٺڻ جي خبر هجي ته نه خريدڻ بهتر آهي.

حديث پاڪ ۾ آهي: ”لعن رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آکل الربا و موکله و کاتبه و شاهدیہ“رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وياج کائڻ واري، وياج کارائڻ واري، ان جي لکڻ واري، ۽ ان جي شاهدي ڏيندڙن تي لعنت فرمائي.“ (مسلم، 27/2)

سيدي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائين ٿا: ”بغير ضرورت وياج ڏيڻ به جيتوڻيڪ حرام آهي جيئن اسان پنهنجي فتاويٰ ۾ ان جو تفصيل بيان ڪئي آهي، پر اهو روپيو جيڪو هن قرض ورتو، ان سان واپار ۾ جيڪو ڪجهه حاصل ٿئي اهو حلال آهي.

ڇو ته خبث ان ۾ آهي جيڪو سود ڏيندو، جيڪو قرض ورتو ان ۾ خباثت ناهي ۽ اهو تمام واضح آهي.“ (فتاويٰ رضويہ، 646/19)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

غير مسلم جي گهر ۾ صفائيءَ جو ڪم ڪرڻ ڪيئن آهي؟

سوال: عالمَ سڳورا هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن ته هڪ مسلمان عورت آهي جيڪا گهرن ۾ صفائي وغيره جو ڪم ڪندي آهي، ان کي هڪ هندو خاندان چيو آهي ته اسان جي گهر ۾ اُجرت تي ڪم ڪر، جنهن ۾ انهن جي ڪمرن ۽ واش روم وغيره جي صفائي ڪرڻي پوندي. ته ان مسلمان عورت کي هِندن جي گهر ۾ اهو ڪم ڪرڻ جائز آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: ڪنهن به مسلمان کي ڪافر جي گهر ۾ اهڙي نوڪري ڪرڻ جائز ناهي جنهن ۾ مسلمان جي ذلت ٿئي. ڇوته پُڇيل صورت ۾ هندو جي گهر ۾ واش روم وغيره جي صفائي جو ڪم

ڪرڻ ۾ ان مسلمان عورت جي ذلت آهي، تنهن ڪري ان لاءِ اهو ڪم ڪرڻ جائز ناهي.

محيط برهاني ۾ آهي: ”مسلمان جو پنهنجو پاڻ کي نصراني جو اجير ڪرڻ ان جي خدمت لاءِ جائز ناهي. جيڪڏهن خدمت کان سواءِ ڪنهن ٻئي ڪم لاءِ هجي ته جائز آهي، ۽ اجير لاءِ ان ۾ وسعت آهي جيستائين ان ۾ مسلمان جي ذلت نه هجي.“ (محيط برهاني، 454/7)

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”ڪافر جي نوڪري مسلمان لاءِ صرف اها جائز آهي جنهن ۾ اسلام ۽ مسلمان جي ذلت نه ٿئي.“ (فتاويٰ رضويه، 121/21)

صدر الشريعه مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”مسلمان ڪافر جي خدمت جي نوڪري ڪئي، اهو منع آهي، بلڪ ڪنهن به اهڙي ڪم تي ڪافر سان اِجارو نه ڪري جنهن ۾ مسلمان جي ذلت ٿئي.“ (بهار شريعت، 164/3)

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

آرٽيفيشل زيور جو نڪري ويل نگينو ٻيهر چنبڙائڻ عيب آهي يا نه؟

سوال: عالمَ سڳورا هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن ته اسان جو آرٽيفيشل زيور جو ڪم آهي جنهن ۾ اسان مختلف قسم جا زيور وڪرو ڪندا آهيون. جڏهن اسان وٽ مال ايندو آهي ته اڪثر ائين ٿيندو آهي ته ڪنهن زيور جي معمولي شيءِ مثلاً نگينو يا ڪنڊو وغيره نڪتل هوندو آهي يا اسان وٽ اچي نڪري ويندو آهي ته اسان ان نگيني کي اهڙيءَ طرح ڪؤنر(گلُو) وغيره سان چنبڙائي ڇڏيندا آهيون جيئن اهو پهرين هو ۽ پوءِ وڪرو ڪري ڇڏيندا آهيون. منهنجو سوال اهو آهي ته ڇا اهڙين شين کي وڪڻڻ عيب واريون شيون وڪڻڻ سڏبو ۽ ان تي عيب دار شيءِ وڪڻڻ جي مذمت ايندي؟

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: شرعي عرف ۾ عيب اهو آهي جيڪو واپارين جي نظر ۾ ڪنهن شيءِ جي قيمت گهٽائي ڇڏي، ۽ آرٽيفيشل زيورن ۾ عام طور تي نگينو وغيره معمولي شيءِ نڪري وڃي ته ان کي چنبڙائڻ کان پوءِ انهن زيورن جي قيمت ۾ ڪا گهٽتائي ناهي ايندي ۽ نه ئي ان کي عيب شمار ڪيو ويندو آهي. تنهن ڪري اهڙو زيور وڪڻڻ عيب دار شيءِ وڪڻڻ نه سڏبو ۽ نه ئي ان تي عيب دار شيءِ وڪڻڻ جي مذمت ايندي، بلڪ ان کي مطلقا وڪڻڻ جائز آهي.

البت اهو ممڪن آهي ته ڪو زيور اهڙي انداز جو هجي ته ان ۾ ٻيهر فٽنگ سان عيب پيدا ٿئي جنهن جي ڪري واپارين جي نظر ۾ ان شيءِ جي قيمت گهٽجي وڃي ته اهڙي صورت ۾ توهان تي واجب آهي ته خريدار تي ان عيب کي ظاهر ڪريو ڇو ته مبيع (سامان) ۾ موجود عيب کي لڪائڻ حرام ۽ گناهِ ڪبيره آهي.

بهار شريعت ۾ آهي: ”شرعي عرف ۾ عيب، جنهن جي ڪري مبيع کي واپس ڪري سگهجي ٿو، اهو آهي جنهن سان واپارين جي نظر ۾ شيءِ جي قيمت گهٽجي وڃي. مبيع ۾ عيب هجي ته ان کي ظاهر ڪري ڏيڻ وڪڻندڙ تي واجب آهي، لڪائڻ حرام ۽ گناهِ ڪبيره آهي.“ (بهار شريعت، 673/2)

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اسلام ۾ انساني جان جو قدر ۽ قيمت

دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جو نگران
مولانا محمد عمران عطاري

الله ڪريم مخلوق کي بيشمار نعمتن سان نوازيو آهي، جن جو قدر، قيمت ۽ اهميت هر ذي شعور تي پڌري ۽ ظاهر آهي. بي بها ۽ انمول نعمتن مان هڪ نعمت "جان" آهي. اسلام پنهنجي پوئلڳن کي هن نعمت جو قدر ڪرڻ ۽ ان مان فائدو حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏني آهي ۽ ان کي ڪهڙي به طرح نقصان پهچائڻ کان سختي سان منع ڪيو آهي. دين اسلام جي بيشمار خوبين مان هڪ اها به آهي ته اسلام انساني جان جو محافظ آهي. ياد رکو! اسلام رڳو انساني جان جو ئي نه پر هر جاندار شيءِ جي جان جي اهميت بيان ڪري ٿو ۽ بغير ڪنهن سبب جي ڪنهن کي قتل ڪرڻ کان منع ڪري ٿو ۽ ظلم و زيادتي ڪندڙن کي "سزا جي نويد" ٻڌائي ٿو.

اسلام کان پهريان انساني جان: اسلام کان پهريان واري عرب معاشري تي هڪ سرسري نظر وجهجي ته جڳهه جڳهه معمولي ڳالهين ۽ تڪرارن تي انساني خون وهايل نظر اچي ٿو، ان ڪري جو اسلام کان پهريان جاهليت جي دور ۾ انساني رت جي ڪا به قدر ۽ قيمت نه هئي. عرب معاشرو معمولي ڳالهين تي رت وهائڻ کي فخر سمجهندو هو. اهڙا خوفناڪ منظر به ڏسڻ ۾ ايندا هئا جو تلوارن سان هڪ ٻئي جا سر ڪٽي به هٿ نه ٿڪبا هئا، دل ۾ ٿورو به رحم نه هوندو هو، اهڙن سيني ڪارنامن تي نه ڪو شرم يا عار محسوس ٿيندو هئو، بلڪ اهي جتي به گڏ ٿيندا هئا، انساني جانين کي ائين بي دريغ قتل ڪرڻ کي پنهنجي بهادري جي ڪارنامن ۾ شمار ڪري خوش ٿيندا هئا. ڌيئرن کي زنده دفن ڪرڻ، غلامن کي بي وقعت سمجهڻ، قبيلائي پرستي جي نالي تي قتلِ عام ڪرڻ ۽ انتقام جي باهه ۾ نسلن تائين جنگيون جاري رکڻ انهن جي سڃاڻپ هئي. جاهليت جي زماني ۾ معمولي ڳالهه تي تلوارون نڪري پونديون هيون. گهوڙي يا اُٺ جي اڳيرائي، پاڻي پيارڻ ۾ دير يا انا جي ننڍڙي نوڪر نسلن تائين جاري رهڻ واريون جنگيون بڻجي وينديون هيون. چئن ڏهاڪن تائين جاري رهڻ واري جنگِ بسوس ۽ چاليهن سالن تائين ختم نه ٿيڻ واري جنگِ داحس و غبراء اسلام کان پهريان جي ڪارن ڪارنامن مان آهن.

چاليهه سال جاري رهڻ واري جنگ جو سبب: جنگِ بسوس ٻن قبيلن بنو بَڪر ۽ بنو تَغلِب جي وچ ۾ وڙهي وئي. بنو تغلب سان تعلق رکندڙ وائل بن رَبيعه "ڪُلَيب" جي لقب سان مشهور هو، انهن جو اثر ۽ رسوخ تمام گهڻو پکڙجي چڪو هو. هن پنهنجي لاءِ هڪ اهڙي چراگاهه نهرائي هئي جنهن ۾ ڪنهن ٻئي کي هلڻ ۽ جانور چارڻ جي اجازت نه هئي ۽ اتي جي

ڪنهن به شيءِ کي تڪليف پهچائڻ به منع هو. هن پنهنجي زمينن جي شڪار کي منع ڪري رکيو هو، پنهنجي اُٺن سان گڏ ٻين جي اُٺن کي شامل ڪرڻ کي حرام قرار ڏئي ڇڏيو هو، ان جي باهہ سان گڏ ٻي ڪي باهہ ٻارڻ جي اجازت نہ هئي، انهن جي گهرن جي وچان گذرڻ به منع هو. ايتري تائين جو ڪنهن کي ان جي مرضي کانسواءِ ڪنهن جاءِ تي حملو ڪرڻ جي به اجازت نه هئي، تنهن ڪري اهي ئي معاملا انهن جي پاڻ ۾ جنگ جو سبب بڻيا. ڪليب جي شادي قبيلي بنو بڪر ۾ جَسّاس بن مرّه جي ڀيڻ سان ٿي هئي. هڪ ڏينهن جساس جي ماسي "بسوس" جي گهر هڪ مهمان آيو، ان جي ڏاچي به هئي جيڪا جساس جي اُٺن سان گڏ ڪليب جي چراگاهہ ۾ چري رهي هئي، ڪليب منع ڪيو ته جيڪڏهن آئنده اها مون کي نظر آئي ته مان ان کي ماري ڇڏيندس. پوءِ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ٻيهر ڪليب ڏٺو ته اها ڏاچي هتي چري رهي آهي ته هن هڪ تير ان جي ٿڻن تي هنيو. جڏهن ڏاچيءَ جي مالڪ کي ان جو علم ٿيو ته هن ۽ بسوس غم جو اظهار ڪيو جنهن تي جساس چيو ته مان جلد ئي ان ڏاچيءَ کان وڌيڪ قيمتي اُٺ کي قتل ڪري ڇڏيندس. ان جو مطلب ڪليب کي قتل ڪرڻ هو، تنهنڪري هن موقعو ڏسي ڪليب جي پٺي ۾ نيزو هنيو ۽ ان کي قتل ڪري ڇڏيو. جڏهن هن سڄي واقعي جو علم ڪليب جي ڀاءُ کي ٿيو ته هن پنهنجا وار ڪٽي ڇڏيا، ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا ۽ پاڻ تي شراب ۽ رانديون حرام ڪري ڇڏيون. هن چيو ته مان خوشبو نه سنگهندس، تيل نه لڳائيندس جيستائين مان ڪليب جي هر عضو جي بدلي بنو بڪر بن وائل جي هڪ هڪ ماڻهوءَ کي قتل نه ڪري ڇڏيان. ۽ پوءِ آخرڪار جنگ شروع ٿي وئي جيڪا 40 سالن تائين جاري رهي.
(ڏسو: الڪامل في التاريخ، 410/1 کان 416)

جنگِ داحس و غبراء: بنو عَبس جي سردار قَيس بن زُهير وٽ داحس نالي گهوڙو هو ۽ حُذيفہ بن بدر ذُبياني وٽ به هڪ گهوڙو هو جنهن جو نالو غَبراء هو. اهي ٻئي سردار پاڻ ۾ مائٽ هئا، ٻنهي گهوڙن جي ڊوڙ جو مقابلو رکيو، کٽڻ تي ويهه اُٺ انعام مقرر ٿيو. ڊوڙ شروع ٿيڻ کان اڳ حذيفہ پنهنجي قوم جا ڪجهه ماڻهو تيار ڪيا ۽ انهن کي مقرر هدف جي ويجهو ويهاري ڇڏيو ته جيڪڏهن داحس، غبراء کان اڳتي نڪرڻ لڳي ته ان کي چماٽ هڻجو. جڏهن داحس گهوڙو غبراء کان اڳيرو ٿيڻ لڳو ته حُذيفہ جي شخص عمير ان کي چماٽ هڻين. ائين داحس اهو مقابلو هارائي ويو. جڏهن قيس بن زُهير کي واقعي جو پتو پيو ته تڪرار ۽ جهيڙي کان پوءِ اهو معاملو قتل ۽ غارت تائين پهچي ويو ۽ ٻنهي قبيلن جي وچ ۾ جنگ ڇڙي پئي جيڪا چئن ڏهاڪن تائين جاري رهي. (ڏسو: الڪامل في التاريخ، 452/1) انهن ٻنهي جنگين جي شروعات ڪيتري معمولي هئي پر انجام هزارين جانين جي نقصان جي صورت ۾ سامهون آيو. اسلام کان پهريان انساني رت جي بي قدري کي هن ڳالهہ مان به سمجهي سگهجي ٿو ته اتي قصاص جو ڪو به اصول نه هو. طاقتور قبيلو جيڪڏهن ڪنهن کي قتل ڪري ڇڏيندو

هو تہ ان جي بدلي ڪمزور قبيلي جو ڪو معزز شخص ماريو ويندو هو.

قربان وڃجي دينِ اسلام جي مبارڪ تعليمات تي جنهن انسانن کي انساني رت جو قدر ڪرڻ سيکاريو، ننڍڙين ننڍڙين جانين جي حفاظت، انهن جي پرورش تي جنت جي بشارت عطا فرمائي. اهو اسلام ئي آهي جنهن رت جي اڄايلن کي انساني جانين جو محافظ بڻائي ڇڏيو. هاڻي ٿورو اسلام جي مبارڪ تعليمات تي بہ هڪ نظر وجهو، دل ۾ جگر کي سڪون پهچايو، مسلمان هجڻ تي پنهنجي رب جو شڪر ادا ڪريو، پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غلامي تي الله جي بارگاهہ ۾ سجدي ۾ ڪري پئو، پنهنجي ڌيئرن کي ٻڌايو تہ اسلام ئي اهو دين آهي جنهن انهن کي جيئڻ جو حق عطا فرمايو، اسلام نہ رڳو انهن جي جان کي تحفظ فراهم ڪيو بلڪ انهن جي پرورش تي انهن جي والد کي جنت جي خوشخبري ۽ بشارت بہ عطا فرمائي بلڪ پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنت ۾ پنهنجي رفاقت جي خوشخبري بہ عطا فرمائي آهي.

اسلام ۾ انساني جان جي اهميت: اسلام ۾ هڪ انساني جان جي اهميت ڪيتري آهي ان کي هن ڳالهہ مان آساني سان سمجهي سگهجي ٿو تہ جنهن بغير شرعي اجازت جي ڪنهن کي قتل ڪيو تہ ڄڻ تہ هن سمورن انسانن کي قتل ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ هن الله تعاليٰ جو حق، ٻانهن جا حق ۽ شريعت جون حدون سڀ لتاڙي ڇڏيون ۽ جنهن ڪنهن هڪ جي زندگي بچائي ورتي جهڙوڪ ڪنهن کي قتل ٿيڻ يا ٻڏڻ يا سڙڻ يا بک کان مرڻ وغيره هلاڪت جي سببن کان بچائي ورتو تہ ڄڻ تہ هن سمورن انسانن کي بچائي ورتو. ان کي قرآن پاڪ ۾ ائين ذڪر ڪيو ويو آهي: مِنْ اَجْلِ ذٰلِكَ ۚ كَتَبْنَا عَلٰى بَنِیْۤ اِسْرَآءِیْلَ اَنَّهٗ مَنْ قَتَلَ نَفْسًۢا بِغَیْرِ نَفْسٍ اَوْ فَسَادٍ فِی الْاَرْضِ فَكَاَنَّمَا قَتَلَ النَّاسَ جَمِیْعًا ؕ وَمَنْ اَحْیَاهَا فَكَاَنَّمَاۤ اَحْیَا النَّاسَ جَمِیْعًا ؕ وَلَقَدْ جَآءَتْهُمْ رُسُلُنَا بِالْبَیِّنٰتِ ۫ ثُمَّ اِنَّ كَثِیْرًا مِّنْهُمْ بَعْدَ ذٰلِكَ فِی الْاَرْضِ لَمُسْرِفُوْنَ (۳۲)

ترجمو ڪنزالعرفان: ان جي سبب اسان بني اسرائيل تي لکي ڇڏيو تہ جنهن ڪنهن جان جي بدلي يا زمين ۾ فساد ڦهلائڻ جي بدلي ڪانسواءِ ڪنهن شخص کي قتل ڪيو تہ ڄڻ ان سڀني انسانن کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ جنهن ڪنهن هڪ جان کي (قتل کان بچائي) زندهہ رکيو ان ڄڻ سڀني انسانن کي زندهہ رکيو ۽ بيشڪ انهن وٽ اسان جا رسولَ روشن دليلن سان آيا پوءِ بيشڪ انهن مان ڪيترائي ماڻهو ان کان پوءِ (بہ) زمين ۾ زيادتي ڪرڻ وارا آهن . (پ 6، المائده: 32)

اسلام جي نظر ۾ انساني جان جي اهميت کي هن آيت مان چڱي طرح سمجهي سگهجي ٿو. هتي اهي ماڻهو بہ انصاف جو خون نہ ڪن جيڪي اسلام جي اصل تعليمات کي پٺي ڏئي ڇڏين ٿا ۽ دين اسلام کي قتل و غارت يا دهشتگردي سان تعبير ڪن ٿا. هن آيت سڳوري مان اهي ماڻهو بہ هوش ڪن جيڪي مسلمان سڏائڻ جي باوجود بي گناهہ ماڻهن کي تمام بي دردي ۽ سفاڪي سان بم ڌماڪن ۽ خودڪش حملن جو نشانو بڻائن ٿا ۽ هن گناهہ ۽ غير اسلامي ڪم تي فخر ڪن ٿا. هڪ ٻي جاءِ تي

الله ڪريم ارشاد فرمائي ٿو: وَ مَنْ یَّقْتُلْ مُؤْمِنًا مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآؤُهٗ جَهَنَّمُ خٰلِدًا فِیْهَا وَ غَضِبَ اللّٰهُ عَلَیْهِ وَ لَعَنَهٗ وَ اَعَدَّ لَهٗ عَذَابًا عَظِیْمًا (۹۳) ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪو ڪنهن مسلمان کي ڄاڻي واڻي قتل ڪري ته ان جو بدلو جهنم آهي وڏي مدت تائين ان ۾ رهندو ۽ الله ان تي غضب ڪيو ۽ ان تي لعنت ڪئي ۽ ان جي لاءِ وڏو عذاب تيار ڪري رکيو آهي. (پ5،النساء:93)

چڱي طرح ياد رهي ته جيڪڏهن مسلمانن جي قتل کي حلال سمجهي قتل ڪيو ته اهو خود ڪفر آهي ۽ اهڙو ماڻهو هميشه هميشه دوزخ ۾ رهندو ۽ قتل کي حرام ئي سمجهيو پر پوءِ به ان جو ارتڪاب ڪيو ته اهو گناهِ ڪبيره آهي ۽ اهڙو ماڻهو گهڻي عرصي تائين دوزخ ۾ رهندو.

پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظر ۾ انساني جان: انساني جان جو قتل ڪبيره ترين گناهن مان آهي، هن گناه جي خرابي ۽ بدبختي جو اندازو هن ڳالهه مان لڳايو ته جنهن انسان قتل جو ڪم ايجاد ڪيو، اڄ به سڄي دنيا ۾ ٿيندڙ ناحق قتل جو گناه ان کي به ملي رهيو آهي، جيئن رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "ڪو به شخص ناحق قتل ٿيندو آهي ته ان قتل جو گناه پهرين قاتل ابن آدم (قابيل) کي ضرور ملندو آهي ڇو ته ان ئي سڀ کان پهرين قتل جو طريقو رائج ڪيو." (بخاري، 413/2، حديث: 3335) انسانن جي سڀ کان وڏي خيرخواه، الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهرين ماڻهن جي وچ ۾ (حقوق العباد مان) رت وهائڻ جي باري ۾ فيصلو ڪيو ويندو." (مسلم، ص711، حديث: 4381) الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "ڪنهن مومن کي قتل ڪرڻ ۾ جيڪڏهن زمين ۽ آسمان وارا شريڪ ٿي وڃن ته الله پاڪ انهن سڀني کي دوزخ ۾ اڇلائي ڇڏيندو." (ترمذي، 100/3، حديث: 1403)

محسنِ انسانيت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "الله ڪريم وٽ دنيا جو ختم ٿي وڃڻ هڪ مسلمان جي ظلم سان قتل کان وڌيڪ آسان آهي." (ابن ماجه، 261/3، حديث: 2619) ڪنهن پاڪيزه جان کي قتل ڪرڻ ته تمام وڏو گناه آهي ئي، هن گناه ۾ ذري برابر مددگار بڻجڻ به پنهنجو پاڻ کي الله جي رحمت کان پري ڪرڻ آهي، جيئن رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "جنهن ڪنهن مومن جي قتل تي هڪ حرف جيتري به مدد ڪئي ته اهو قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي بارگاهه ۾ ائين ايندو ته ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکيل هوندو: "هي الله ڪريم جي رحمت کان مايوس آهي." (ابن ماجه، 262/3، حديث: 2620)

هونئن ته اسلام جي هر تعليم انسانيت لاءِ سراپا رحمت آهي پر انساني جان جي حرمت تي اسلام جو ايترو زور ڏيڻ سڄي دنيا کي اهو پيغام ڏئي ٿو ته مسلمان ڪڏهن به ظلم ۽ زيادتي ۽ ناحق رت وهائڻ جو ذريعو نه ٿو بڻجي سگهي. اڄ جي پُرفتن دور ۾ جتي نفرت، دهشتگردي ۽ قتل و غارت کي مختلف بهانن سان رواج ڏنو پيو وڃي، اسان کي بحيثيت مسلمان قرآن و حديث جي انهن واضح هدايتن تي عمل ڪندي پنهنجي ڪردار سان اهو ثابت ڪرڻو پوندو ته اسلام امن ۽ محبت جو دين آهي، ظلم نه بلڪه عدل ۽ انصاف جو پيغام ڏئي ٿو.



صديق اڪبر جون تمنائون رَضِیَ اللہُ عَنْہُ

مولانا عدنان احمد عطاري مدني

هر انسان جي زندگي ۾ ڪجھ نہ ڪجھ خواهشون ۽ تمنائون هونديون آهن، جن مان ڪجھ پوريون ٿي وينديون آهن ۽ ڪجھ دل ۾ رهجي وينديون آهن. ڪجھ خواهشون وڏيون هونديون آهن ۽ ڪجھ ننڍيون. ڪجھ جو تعلق مذهب، دين ۽ معاشري سان هوندو آهي ۽ ڪجھ جو پنهنجي ذات ۽ اهل خانہ سان هوندو آهي. حضرت سيدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پنهنجي زندگي ۾ ئي گهڻيون ئي ۽ اهم خواهشون پوريون ٿيندي ڏٺيون، جهڙوڪ: خلافت جي نظام کي مستحڪم ڪرڻ، اسلامي رياست جي سرحدن جي حفاظت ڪرڻ، مختلف سورتن ۽ آيتن کي هڪ مجموعي جي صورت ۾ جمع ڪرڻ، مرتدن جي خلاف جهاد جو عَلَم بلند ڪرڻ، مسلمانن کي متحد رکڻ ۽ تفرقي کان بچائڻ. حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جون وڌيڪ خواهشون پڙهو:

رسول جي ديدار جي چاهت:

هڪ دفعو حضرتِ سيدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: "منهنجون ٽي چاهتون آهن: (1) اوهان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاه ۾ وينو هُجان، (2) اوهان تي درود پڙهندو رهان ۽ (3) اوهان تي پنهنجو مال خرچ ڪندو رهان." (ڪشف الخفاء، 304/1)

جنتي دروازو ڏسڻ جي تمنا:

هڪ دفعو رسولِ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: "مون وٽ حضرت جبرائيل عَلَیْہِ السَّلَام آيا، هنن منهنجو هٿ پڪڙيو ۽ مون کي جنّت جو اهو دروازو ڏيکاريو جنهن مان منهنجي امت داخل ٿيندي." حضرت ابوبڪر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ عرض ڪيو: " يا رسول الله! منهنجي تمنا هئي تہ مان (ان وقت) اوهان سان گڏ هجان ها تہ جيئن ان کي ڏسي سگهان ها. " رسولِ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: " اي ابوبڪر غور سان ٻڌ! منهنجي امت مان جيڪو سڀ کان پهريان جنّت ۾ داخل ٿيندو بيشڪ! اهو تون هوندين." (ابوداؤد، 280/4، حديث: 4652)

هر ڏک پهريان سَهڻ جي تمنا:

جڏهن صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ حضورِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ غار طرف وڃي رهيا هئا تہ حضرتِ ابوبڪر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ٿوري دير پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اڳيان هلندا هئا ۽ ٿوري دير پويان هلندا هئا. ارشاد ٿيو: "ٿوري دير اڳيان ۽ ٿوري دير پويان ڇو هلي رهيا آهيو؟ "عرض ڪيائين: "جڏهن ياد اچي ٿو تہ ڪجھ ماڻهو اوهان کي ڳولي رهيا آهن تہ مان اوهان جي پٺيان اچي وڃان ٿو، پوءِ جڏهن تاڙ ۾ ويٺل حملو ڪندڙن جو انديشو ٿئي ٿو تہ اڳتي اڳتي هلڻ لڳان ٿو

(تہ جيئن ڪو اوهان کي تڪليف نہ پهچائي). “
نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيڪڏهن ڪا مصيبت اچي تہ ڇا اوهان کي اهو پسند آهي تہ اها منهنجي بجاءِ توهان تي اچي؟ “ عرض ڪيائين: ”جي ها! ربِ ڪريم جي قسم! منهنجي اها ئي تمنا آهي تہ جيڪا مصيبت اچي اها مون تي اچي اوهان تائين نہ پهچي.“ (مستدرڪ، 539/3، حديث: 4327)

رسول الله جي دعا ماڻڻ جو جذبو:

سن 9 هجري غزوه تبوڪ ۾ هڪ صحابي حضرت ذو البِجَادَين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ شهيد ٿيا. رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندن قبر ۾ لهي پيا ۽ حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي فرمايو: ”توهان ٻئي پنهنجي ڀاءَ (حضرت ذو البجادين) کي (سهارو ڏيئي) هيٺ منهنجي طرف لاهيو.“ (ٻنهي سڳورن حضرت ذو البجادين جي لاش مبارڪ کي سهارو ڏئي هيٺ لاٿو) پوءِ رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي هٿن سان سندن لاش کي لحد ۾ رکيو ۽ ربِ ڪريم کان دعا ڪئي: ”اي الله! مان هن کان راضي آهيان تون بہ هن کان راضي ٿي وڃ.“ هي دعائيہ جملا ٻڌي حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي دل ۾ هڪ جذبو جاڳي پيو: ”ڪاش! مان صاحبِ قبر جي جاءِ تي هجان ها.“
(معجم الاوسط، 371/6، حديث: 9111)

خليفو نہ بڻجڻ جي خواهش:

جڏهن حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ خليفو منتخب ٿي ويا تہ پاڻ بهترين خطبو ڏنو ۽ فرمايائون: ”اي انسانو! توهان (سلطنت جي معاملن کي منهنجي حوالي ڪري) مون کي پياري آقا محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي (ان خاص حڪومتي) طريقي تي هلڻ جو پابند ڪري ڇڏيو آهي، حالانڪ الله تعالىٰ پنهنجي نبي کي وحي جي ذريعي گناهن کان محفوظ رکيو (۽ مان تہ هڪ عام انسان آهيان). الله جو قسم! منهنجي خواهش هئي تہ ڪاش! توهان ئي هي ذميواري سنڀالي وٺو ها (۽ مون کي ڇڏي ڏيو ها).“ (تاريخ ابن عساڪر، 303/30)

خوفِ خدا سان ڀرپور آرزو:

هڪ دفعو حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هڪ جهرڪيءَ کي ڏٺو تہ پنهنجي تمنا جو اظهار هينئن ڪيائون: ”اي جهرڪي! تون ڪيڏي نہ خوش نصيب آهين! ميوا کائين ٿي ۽ وڻن جي وچ ۾ اڏامين ٿين، تنهنجي مٿان نہ ڪو حساب آهي ۽ نہ ڪو عذاب. الله جو قسم! منهنجي تمنا آهي تہ ڪاش مان هڪ گهيٽو هجان ها جنهن کي منهنجا گهر وارا خوب ٿلهو ڪن ها، پوءِ جڏهن مان خوب ٿلهو ٿي وڃان ها تہ هو مون کي ذبح ڪري ڇڏين ها، پوءِ منهنجي گوشت جو ڪجھ حصو پُچين ها (۽ ڪائن ها) ۽ ڪجھ حصي کي سُڪائي گوشت جا ٽڪرا بڻائي رکن ها ۽ پوءِ مون کي کائيندا رهن ها.“
(ڪنز العمال، 237/6، جز:12، حديث: 35698)

ڌيءَ کي مالدار ڏسڻ جي تمنا:

وفات جي وقت پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ويٺا، پوءِ ڪلمو شهادت پڙهيائون ۽ حضرت بي بي عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي فرمايائون: ”اي منهنجي پياري ڌيءُ! منهنجي تمنا هئي تہ تون مون کان پوءِ

غني(يعني خوشحال) رهين، ان لاءِ مون توکي پنهنجي جائيداد مان ويهه وسق (ڪجين) جي پيداوار جو هڪ باغ تُحفي ۾ ڏنو هو. الله جو قسم! منهنجي تمنا هئي تہ تون ان کي قبول ڪرين، جيڪڏهن تون ان کي پاڻ وٽ رکين ها تہ تنهنجو ٿي وڃي ها (پر تو قبول نہ ڪيو) تنهنکري هاڻي اهو وارثن جو مال آهي."

(طبقات ابن سعد، 145/3 - موطا امام مالڪ، 270/2، حديث:1503 ملتقطاً)

سومر جي بابرڪت ڏينهن وفات ماڻڻ جي طلب:

22 جمادي الاخرىٰ سن 13 هہ تي حضرت صديق اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ هن دنيا مان سفرِ آخرت اختيار فرمايو. هڪ روايت موجب وصال جو وقت ويجهو آيو تہ گهر وارن کان پڇيائون: "اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي؟" گهر وارن چيو: "اڄ سومر آهي." پڇيائون: "الله پاڪ جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وصال ڪهڙي ڏينهن ٿيو هو؟" جواب ڏنائون: "سومر جي ڏينهن." فرمايائون: "مان چاهيان ٿو تہ اڄ رات تائين دنيا مان رخصت ٿي وڃان (تہ جيئن منهنجي يومِ وصال جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي يومِ وصال سان موافقت ٿي وڃي)." پوءِ اڳين رات گذري بہ نہ هئي تہ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو انتقال ٿي ويو ۽ صبح ٿيڻ کان اڳ ئي سندن دفن ڪيو ويو. (بخاري، 468/1، حديث:1387 ملتقطاً)

امام جعفر صادق جون 6 نصيحتون ۽ انهن جا معاشرتي اثرات

مولانا راشد علي عطاري مدني

15رجب المرجب اسان کي هڪ عظيم هستيءَ جي ياد ڏياري ٿو، جيڪا عبادت، رياضت، تقوىٰ، زهد، پرهيزگاري، نرمي، شفقت، حلم، خوفِ خدا، علم و عمل ۽ ٻين ڪيترن ئي اعلىٰ وصفن جي مالڪ آهي. هيءَ عظيم هستي خاندانِ مصطفىٰ، خاندانِ صديق اڪبر ۽ خاندانِ علي المرتضىٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جو تمام پيارو آهي. جي ها! اها وڏي شان وارو حضرت سيدُنا امام جعفر صادق رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ آهي.

حضرتِ امام جعفر صادق رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي ولادت 17 ربيع الاول 83 هجري سومر شريف جي ڏينهن مديني پاڪ ۾ ٿي، ڪنيت ابوعبدالله ۽ ابو اسماعيل، جڏهن ته لقب صادق، فاضل ۽ طاهر آهي. پاڻ حضرتِ امام محمد باقر رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جا وڏا صاحبزاده آهن، جيڪي امام زين العابدين جا پٽ آهن، جڏهن ته سندن والده محترم حضرت سيدتنا اُمّ فَرْوَہ آهي، جيڪا اميرُ المومنن حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي پوٽي آهي. (شرح شجره قادريه، ص 58) ائين سندن نسب والده جي طرفان اميرُ المومنين حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ۽ والد جي طرفان حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ سان ملي ٿو. يعني پاڻ والده جي طرفان ”صديقي“ ۽ والد جي طرفان ”علوي ۽ فاطمي“ آهن. (شرح العقائد، ص 328)

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت امام جعفر صادق رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ بي حد علم ۽ فضيلت جا مالڪ هئا. سندن فرمان ۽ نصيحتون اڄ به اسان لاءِ رهنما آهن. هڪ موقعي تي پاڻ پنهنجي لختِ جگر امام موسىٰ ڪاظم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کي ڇهه عظيم نصيحتون ڪيائون ۽ فرمايائون ته منهنجي نصيحت قبول ڪر ۽ منهنجون ڳالهيون ياد رکجان، جيڪڏهن انهن کي ياد رکندي ته زندگي به سٺي گذرندي ۽ موت به قابلِ رشڪ ايندو.

امام جعفر صادق رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جون اهي ڇهه نصيحتون فقط انفرادي اصلاح جو ذريعو ناهن، پر هڪ مڪمل معاشرتي انقلاب جو نقشو پيش ڪن ٿيون. اهي نصيحتون انساني زندگي جي هر حصي کي روشن ڪن ٿيون ۽ هڪ مثالي اسلامي معاشري جي تعمير جو واضح رستو ڏيکارين ٿيون. جڏهن ڪو فرد يا معاشرو انهن اصولن تي عمل ڪري ٿو ته نه صرف ان جي پنهنجي زندگي بهتر ٿئي ٿي، پر پورو ماحول پاڪيزگي ۽ برڪت سان ڀرجي وڃي ٿو.

پهرين نصيحت (مالدار ڪير؟): اي منهنجا پٽ! مالدار اهو آهي جيڪو الله پاڪ جي تقسيم تي راضي رهي ۽ جيڪو ٻئي جي مال تي نظر رکي اهو فقر جي حالت ۾ ئي مرندو آهي. الله پاڪ جي تقسيم تي راضي نه رهڻ وارو ڄڻ ته الله پاڪ کي ان جي فيصلي ۾ تهمت هڻي ٿو. پنهنجي غلطي کي ننڍو سمجهڻ وارو ٻئي جي غلطي کي وڏو ۽

ٻئي جي غلطي کي ننڍو سمجهڻ وارو پنهنجي غلطي کي وڏو سمجهندو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن انسان الله پاڪ جي تقسيم تي راضي رهڻ سکي ويندو آهي ته ان جي اندر هڪ عجيب سڪون ۽ اطمينان پيدا ٿيندو آهي جيڪو نه رڳو ان جي پنهنجي شخصيت کي سنواريندو آهي، پر پوري معاشرت کي متاثر ڪندو آهي. قناعت پسند انسان ڪڏهن به ٻين جي مال ۽ دولت تي نظر ناهي رکندو، اهڙيءَ طرح معاشري ۾ چوري، ڌاڙو، رشوت خوري ۽ بي ايماني جا ڏوهه پاڻهي گهٽجي ويندا آهن. هي جذبو طبقاتي مونجهاري جو به خاتمو ڪندو آهي ڇوته جڏهن هر شخص پنهنجي حصي تي راضي هجي ته غريب اَمير کان حسد نه ڪندو ۽ امير غريب کي حقير نه سمجهندو.

اخلاقي اعتبار سان قناعت انسان کي مستقل شڪر گذار بڻائيندي آهي. اهڙو شخص هر حال ۾ الله جو شڪر ادا ڪندو آهي ۽ ڪڏهن به شڪايت ناهي ڪندو. مشڪل وقت ۾ به هو صبر ڪندو آهي ۽ عبادتن ۾ به قناعت جو اثر واضح نظر ايندو آهي، ڇوته جڏهن دل ۾ مال جي محبت نه هجي ته عبادت ۾ رياڪاري جو خطرو گهٽجي ويندو آهي ۽ انسان خالص الله جي رضا لاءِ عبادت ڪندو آهي.

ٻين نصيحت (علماء جي صحبت عزت جو ڪارڻ آهي): اي منهنجا پٽ! ٻئي جي عيبن تان پردو هٽائڻ واري جا پنهنجا عيب ظاهر ٿي ويندا آهن. بغاوت جي تلوار بلند ڪرڻ وارو ان سان ئي قتل ڪيو ويندو آهي. ڪنهن لاءِ کڏ کوٽڻ وارو پاڻ ئي ان ۾ ڪرندو آهي. بيوقوفن جي صحبت ۾ ويهڻ وارو حقير ۽ ذليل ٿيندو آهي، جڏهن ته عالمن جي صحبت اختيار ڪرڻ وارو عزت ماڻيندو آهي ۽ برائي جي مقام تي وڃڻ واري تي تهمت لڳائي ويندي آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! علماء جي صحبت اختيار ڪرڻ ۽ غيبت کان بچڻ ڪنهن به معاشري کي ڪيتري بلند مقام تي پهچائي سگهي ٿو، ان جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. جڏهن ماڻهو علماءِ ڪرام جي مجلسن ۾ ويهندا آهن ته انهن جي دل ۽ دماغ ۾ علم ۽ حڪمت جي روشني پکڙبي آهي. هي علمي ماحول پوري معاشري کي فائدو پهچائيندو آهي، ڇو ته علم وارا ماڻهو ٻين کي به صحيح راهه ڏيکاريندا آهن. ٻئي طرف جڏهن ماڻهو هڪ ٻئي جي غيبت ناهن ڪندا ته معاشري ۾ اعتماد ۽ محبت جو ماحول پيدا ٿيندو آهي. چغلخوري ۽ غيبت جي ڪري جيڪي فتنا ۽ فساد پيدا ٿيندا آهن، اهي ختم ٿي ويندا آهن.

هيءَ نصيحت انسان جي اخلاق تي گهرو اثر وجهي ٿي. جڏهن ڪو شخص ٻين جي عيبن کي ڍڪڻ جي عادت اپنائيندو آهي ته ان جي دل ۾ حُسن ظن پيدا ٿيندو آهي ۽ هو هر شخص کي سٺي نظر سان ڏسندو آهي. علماء جي صحبت مان تواضع ۽ عاجزي ايندي آهي ڇوته جاهل ماڻهن جي بجاءِ علم وارن وٽ ويهڻ سان انسان کي پنهنجي ڪم علمي جو احساس ٿيندو آهي. زبان جي حفاظت

ڪرڻ سان دل جي پاڪيزگي وڌندي آهي ۽ اهو عبادات تي بہ مثبت اثر وجهندو آهي.

ٽين نصيحت (فضوليات کان بچڻ): اي منهنجا پٽ! ماڻهن تي عيب لڳائڻ کان بچجانءِ، نہ تہ ماڻهو تو تي عيب لڳائيندا ۽ فضول ڳالهين کان بچجانءِ، نہ تہ انهن جي ڪري عزت ۾ گهٽتائي ٿيندي.

پيارا اسلامي ڀائرو! فضول ڳالهين کان بچڻ بظاهر هڪ ننڍي ڳالهہ لڳي ٿي، پر ان جا اثر تمام وسيع آهن. معاشرتي اعتبار سان جڏهن ماڻهو فضول ڳالهين کان بچندا آهن تہ گهڻو قيمتي وقت بچندو آهي، جنهن کي مفيد ڪمن ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو. اهڙيءَ طرح معاشري ۾ ڪارائتي ۽ با معنيٰ گفتگو جو رواج پيدا ٿيندو. گهٽ ڳالهائيندڙ ماڻهن جو معاشري ۾ وڌيڪ احترام ٿيندو آهي، ڇوتہ جڏهن اهي ڪجهہ ڳالهائيندا آهن تہ ماڻهو سنجيدگيءَ سان ٻڌندا آهن. هيءَ عادت معاشري ۾ سنجيدگيءَ جو ماحول پيدا ڪندي آهي.

اخلاقي فائدن جي لحاظ کان فضول ڳالهين کان بچڻ نفس تي ڪنٽرول ڪرڻ جو سبب بڻجندو آهي. جڏهن انسان پنهنجي زبان کي قابو رکندو آهي تہ ٻين نفساني خواهشن تي بہ ڪنٽرول آسان ٿي ويندو آهي. گهٽ ڳالهائڻ وارو شخص ڪوڙ ڳالهائڻ کان بہ محفوظ رهندو آهي ڇوتہ هو سوچي سمجهي ڳالهائيندو آهي. هي عادت حڪمت پيدا ڪندي آهي ۽ انسان کي صحيح وقت تي صحيح ڳالهہ چوڻ جو هنر اچي ويندو آهي. عبادتن جي حوالي سان فضول ڳالهين کان بچڻ سان ذڪر الله لاءِ وقت ملندو آهي ۽ خاموشي جي وقتن کي تلاوت قرآن ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

چوٿين نصيحت (هميشہ حق ڳالهہ چوڻ): اي پٽ! حق ڳالهہ ئي چئجانءِ، ڀلي اها تنهنجي حق ۾ هجي يا خلاف، ڇوتہ مذمت جو مقابلو توکي پنهنجي دوستن جي طرفان ئي ڪرڻو پوندو.

پيارا اسلامي ڀائرو! هميشہ سچ ڳالهائڻ جي عادت ڪنهن بہ معاشري کي عظمت جي بلندين تي پهچائي سگهي ٿي. جڏهن ماڻهو پنهنجي فائدن ۽ نقصانن جي پرواهہ نہ ڪندي بہ حق ڳالهہ چوندا آهن، تہ معاشري ۾ عدل و انصاف قائم ٿيندو آهي. ظلم جو خاتمو ٿيندو آهي ۽ مظلوم کي انصاف ملندو آهي. سچ ڳالهائڻ جي عادت سان بدعنواني ۽ ڪرپشن پاڻهي ختم ٿي ويندي آهي ڇو تہ ڪوڙ ۽ فريب کان سواءِ اهي برائيون ناهن وڌنديون. سچن ماڻهن تي معاشري جو پورو ڀروسو ٿيندو آهي ۽ اهي قيادت جي عهدن جا حقدار بڻبا آهن.

حق گوئي انسان جي اخلاق ۾ بي حد بهادري پيدا ڪندي آهي. جڏهن ڪو شخص نتيجن جي پرواهہ ڪرڻ کان بنا بہ حق ڳالهہ چوندو آهي تہ اهو ان جي جرئت ۽ همت جو اعليٰ ترين مظاهرو هوندو آهي. سچ ڳالهائڻ جي عادت انسان کي ڪوڙ کان مڪمل بچائيندي آهي ۽ ان جي اندر خود احتسابي جو جذبو پيدا ڪندي آهي. هو هميشہ پنهنجي نفس جو محاسبو ڪندو رهندو آهي.

عبادتن تي ان جو اثر هي ٿيندو آهي ته حق ڳالھ چوڻ وارو هميشہ الله کي راضي ڪرڻ جي فڪر ۾ رهندو آهي، نہ ڪي ماڻهن کي. اهڙيءَ طرح ان جي عبادت خالص ٿي ويندي آهي ۽ سچن ماڻهن جون دعائون جلد قبول ٿينديون آهن.

پنجين نصيحت (بغض ۽ نفرت جو سبب): اي منهنجا پٽ! قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندو رهجانءِ، سلام کي عام ڪجانءِ، نيڪي جو حڪم ڏيندو رهجانءِ ۽ برائي کان منع ڪجانءِ. جيڪو توسان تعلق ٽوڙي، تون ان سان رشتو ڳنڍجانءِ. جيڪو تو سان نہ ڳالهائي، تون ان سان ڳالهائڻ ۾ اڳرائي ڪجانءِ. جيڪو تو کان گهري، ان کي عطا ڪجانءِ. چغل خوري کان بچجانءِ، چو ته هي دلين ۾ بغض پيدا ڪندي آهي. ماڻهن جي عيبن جي پنيان نہ پئجانءِ، چو ته هي شيءِ پاڻ کي (مذمت ۽ تهمت جو) هدف بڻائڻ جي قائم مقام آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي نصيحت معاشرتي ذميواري جو جامع نقشو پيش ڪري ٿي. جڏهن ماڻهو امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر کي پنهنجو فرض سمجهندا آهن ته معاشري ۾ نيڪيءَ جو غلبو ٿيندو آهي ۽ برائي دٻجي ويندي آهي. تعلق ٽوڙڻ وارن سان رشتو ڳنڍڻ جو جذبو معاشري ۾ محبت ۽ رواداري جو ماحول پيدا ڪندو آهي. سلام کي عام ڪرڻ سان پاڻ ۾ احترام ۽ پيار جو اضافو ٿيندو آهي. اهي سڀ عادتون ملي هڪ مهذب ۽ پرامن معاشري جو بنياد رکنديون آهن.

اخلاقي اعتبار سان هيءَ نصيحت انسان ۾ خير خواهي جو جذبو پيدا ڪندي آهي. هو ٻين جي ڀلائي چاهيندو آهي ۽ انهن جي فائدن لاءِ ڪوشش ڪندو آهي. برائي جي بدلي نيڪي ڪرڻ صبر ۽ تحمل جو اعلیٰ مظاهرو آهي. گهرڻ وارن کي ڏيڻ جي عادت سخاوت پيدا ڪندي آهي ۽ هي الله جي محبوب صفت آهي. عبادتن جي حوالي سان قرآن جي مستقل تلاوت جو حڪم روحاني ترقي جو باعث بڻبو آهي ۽ نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ پاڻ هڪ عبادت آهي جنهن مان اجر و ثواب ملندو آهي.

ڇهين نصيحت (نافرمانن جي صحبت کان بچڻ): اي منهنجا پٽ! جيڪڏهن ملاقات جي تمنا هجئي ته نيڪ ماڻهن سان ملجانءِ. نافرمانن سان نہ ملجانءِ، چوته نافرمان ان پٿر وانگر آهن جنهن مان پاڻي ناهي وهندو، اهڙي وڻ وانگر آهن جيڪو سرسبز و شاداب نہ هوندو، اهڙي زمين جو مثال آهن جنهن تي گاهه ناهي ڦٽندو. (حلية الاولياء، 3/228، رقم: 3793)

پيارا اسلامي ڀائرو! سٺن ماڻهن جي صحبت اختيار ڪرڻ ۽ بُرن ماڻهن کان بچڻ ڪنهن بہ انسان جي زندگي جو فيصلو ڪندڙ موڙ هوندو آهي. معاشرتي لحاظ کان نيڪ ماڻهن جي صحبت پوري ماحول کي متاثر ڪندي آهي ۽ خير جو غلبو پيدا ڪندي آهي. سٺن ماڻهن سان گڏ رهڻ سان سٺيون عادتون قدرتي طور منتقل ٿينديون آهن ۽ هي نقل جو اثر پوري نسلن کي فائدو پهچائيندو آهي. بُرن ماڻهن کان بچڻ جي ڪري غلط ڪمن ۾ ملوث ٿيڻ جو خطرو

گهٽجي ويندو آهي ۽ معاشري ۾ ڏوهن جي شرح ۾ ڪمي ايندي آهي.

اخلاقي بهتري جي لحاظ کان نيڪ ماڻهن جي صحبت انسان جي ڪردار ۾ خوبصورتي آڻيندي آهي. سٺا ڪم ڪرڻ جي ترغيب ملندي آهي ۽ برائين کان قدرتي طور نفرت ٿي ويندي آهي. جڏهن انسان پاڻ کان بهتر ماڻهن کي ڏسندو آهي ته ان ۾ پاڻ کي بهتر بڻائڻ جو جذبو پيدا ٿيندو آهي. عبادتن ۾ به نيڪ صحبت جو اثر واضح نظر ايندو آهي چوته نيڪ ماڻهن کي ڏسي عبادت جو شوق وڌندو آهي ۽ ديني علم حاصل ڪرڻ جي ترغيب ملندي آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڇهه نصيحتون ملي انساني زندگي جو مڪمل نظام پيش ڪنديون آهن. انفرادي سطح تي هي شخصيت کي سنوارن ٿيون ۽ اخلاقي ڪمالُ پيدا ڪن ٿيون. اجتماعي سطح تي هي معاشري ۾ امن و سڪون قائم ڪنديون آهن، پاڻ ۾ محبت ۽ اعتماد وڌائينديون ۽ هڪ مثالي اسلامي معاشري جو بنياد رکنديون آهن.

الله ڪريم اسان کي انهن نصيحتن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.



امام آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پيارو معجزو: فيصلي جي قوت

مولانا سيد عمران اختر عطاري مدني

شافع امت، مصطفيٰ جان رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه مان محسوس شين تي به نوازشون ٿينديون هيون ۽ غير محسوس شين تي به عطائون ٿينديون هيون. اچو ته حضور اکرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرفان غير محسوس شيءِ تي هڪ عظيم الشان عطا بابت هڪ پيارو معجزو پڙهون.

مسلمانن جو چوٿون خليفو حضرت علي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائي ٿو ته الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي يمن جو گورنر مقرر ڪرڻ لاءِ گهرايو ته مون عرض ڪيو: اي الله جا رسول! مان ته نوجوان آهيان، فيصلي جي هنر ۽ فن جي مون کي ڪا به خبر ناهي.

ته رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي سيني تي به يا ٽي پيرا ماريو ۽ ان وقت هي دعا به ڪري رهيا هئا: اي الله! هن جي دل کي هدايت ڏي ۽ ان جي زبان کي مضبوط ۽ ثابت رک.

حضرت علي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ، دستِ مصطفيٰ جي برڪت ۽ دعاءِ نبوي جي نتيجي ۾ پنهنجا احساسَ بيان ڪندي فرمائي ٿو ته ائين لڳو ڄڻ سڄو علم مون وٽ اچي ويو ۽ منهنجي دل علم ۽ سمجھ سان پري وئي (۽ رڳو اهو ئي نه پر) پوءِ ڪڏهن به مون کي ٻن ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو ڪندي ذري برابر به تردّد يا شڪ محسوس نه ٿيو.

(ڏسو: ابن ماجه، 3/90، حديث:2310، ڪنز العمال، 7 / 55، حديث: 36393)

دستِ مبارڪ جي ڇُهڻ ۽ دعاءِ نبوي جي بدولت اوچتو ئي حضرت علي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي علم ۽ فهم جو ملڻ ۽ آئينده ٻن ڌرين ۾ فيصلو ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت حاصل ٿيڻ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري معجزي جو مظهر آهي.

هن معجزي مان ڪجھ ڳالهيون سکڻ لاءِ ملن ٿيون:

جيڪو الله پاڪ ۽ ان جي رسول جي فرمانبرداري ۾ هوندو ان جا معاملا آسان ۽ مشڪلون حل ٿي وينديون آهن.

نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعا روحاني طاقت جو ذريعو آهي جيڪا ذهني پريشانين کي دور ڪري ٿي.

عهدو ۽ منصب حاصل ٿيڻ کان وڌيڪ ان جو حق پورو ڪرڻ جو فڪر هجڻ گهرجي.

صحيح فيصلا ڪرڻ لاءِ دل جي هدايت ۽ زبان جي ثابت قدمي ٻئي ضروري آهن.

بزرگن جي سامهون عاجزي ڪرڻ سٺي ڳالھ آهي ۽ پنهنجي عجز (يعني نااهل هجڻ) جو اظهار ڪرڻ عيب ناهي.

الله وارا پنهنجي دورانديش نگاهه سان ڄاڻي وٺندا آهن ته ڪير ڪنهن لاءِ قابل آهي.



خواجہ غريب نواز جا فرمان

مولانا سيد عمران اختر عطاري مدني

برصغير ۾ اسلام جي نور کي عام ڪرڻ وارين عظيم هستين ۾ حضرت خواجہ معين الدين حسن چشتي اجميري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو نالو سڀ کان وڌيڪ نمايان آهي، جن کي خواجہ غريب نواز جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي. پاڻ پنهنجي دعوت، اخلاق، ۽ روحاني تعليمات جي ذريعي لکين دلين کي الله پاڪ ۽ رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت سان روشن فرمايو. سندن چشتيہ سلسلو اڄ بہ سڄي دنيا ۾ رشد ۽ هدايت جو سبب بڻيل آهي. خواجہ صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي تعليمات ۾ خاص طور تي نماز، اطاعت مرشد، ۽ رب ڪريم جي بندگي کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. اڄ ڪجھ انمول فرمان ملاحظہ ڪريو:

صرف نماز ئي عزت جي منزل گاھ جي ويجھو ٿيڻ جو ذريعو آهي، ڇو تہ نماز مومن جو معراج آهي. جيئن حديث شريف ۾ بہ وارد آهي اَلصَّلٰوةُ مِعۡرَاجُ الۡمُؤۡمِنِ (يعني نماز مومن جو معراج آهي) سيني مقامن کان وڌيڪ نماز آهي. حق تعالیٰ سان ملاقات جو وسيلو اول نماز ئي آهي. (دليل العارفين، ص 119)

نماز هڪ راز آهي جيڪو ٻانهو پنهنجي پروردگار سان بيان ڪندو آهي. (دليل العارفين، ص 119)

جنهن ڪجھ ماڻيو مرشد جي خدمت سان ماڻيو، بس مريد کي گهرجي تہ پير جي فرمان کان ذرو بہ تجاوز نہ ڪري. پير ۽ مرشد جيڪو ڪجھ ڪيس نماز، تسبيح، اوراد وغيره بابت فرمائي ۽ ترغيب ڏئي، هوش سان ٻڌي ۽ ان تي عمل ڪري تہ جيئن ڪنهن مقام تي پهچي سگهي. (دليل العارفين، ص 120)

بيشڪ پير مريد کي سنوارڻ وارو هوندو آهي. ان ڪري پير مريد کي جيڪا ترغيب ڏيندو ۽ ان جي جيڪا تربيت ڪندو اهو ان کي ڪمال جي مرتبي تائين پهچائڻ لاءِ هوندي. (دليل العارفين، ص 120)

نماز هڪ امانت آهي جيڪا پروردگار عالم جي طرفان ٻانهن جي حوالي ڪئي وئي آهي، تہ ٻانهن تي واجب آهي تہ هو ان امانت کي ان طرح محفوظ رکن ۽ ان جو حق هن طرح بجا آڻين جو ان ۾ ڪا بہ خيانت وارد ۽ ظاهر نہ ٿئي. (دليل العارفين، ص 131)

جڏهن ڪو شخص نماز ادا ڪري تہ گهرجي تہ رڪوع ۽ سجدا ڪما حقہ بجا آڻي جيئن حڪم آهي ۽ ارڪانِ نماز کي چڱي طرح ملحوظ رکي. (دليل العارفين، ص 131)

انهن مسلمانن لاءِ ڇا چئجي جيڪي وقت تي نماز ادا نہ ڪندا آهن ۽ دير ڪري ڇڏيندا آهن ايتري تائين جو نماز جو وقت گذري وڃي، انهن جي مسلماني تي ويھ هزار دفعا افسوس آهي جيڪي مولا ڪريم جي بندگي ڪرڻ ۾ سُستي ۽ ڪوتاهي ڪندا آهن. (دليل العارفين، ص 137)

جيڪو شخص ان ڏينهن (يعني قيامت) جي عذاب کان مامون ۽ محفوظ رهڻ چاهي ٿو، ان کي گهرجي ته هو اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪري.
(دليل العارفين، ص 170)

اطاعت مريد لاءِ مناڻ ۽ مزي جو ڪارڻ هوندي آهي، مريد لاءِ اطاعت ۾ مناڻ ۽ مزو ان وقت پيدا ٿيندو آهي جڏهن هو اطاعت ۾ خوش هجي.
(دليل العارفين، ص 198)

سلوڪ ۾ محبت وارن وٽ محبت مان مراد هي آهي ته هو مطيع ۽ فرمانبردار رهن ۽ ڊڄندا رهن ته ڪٿي انهن کي پڇايو نه وڃي. (دليل العارفين، ص212)

جنت ۾ ٻہ محل ڏياريندڙ نيڪيون

(مولانا سيد شهزاد عطاري مدني)

هر مسلمان جي دلي تمنا هوندي آهي تہ هو دنيا ۾ سٺن عملن سان پنهنجي دنيا ۽ آخرت سنوارين، قبر ۽ آخرت جي سختين کان نجات حاصل ڪن، جنت الفردوس ۾ اعليٰ درجا حاصل ڪن ۽ سڀ کان وڏيڪ تہ ڪيس جنت ۾ ٻہ ٻہ محل نصيب ٿين، يقينًا اها هر نيڪ ٻانهي جي تمنا آهي. اچو! جنت ۾ ٻہ محل حاصل ڪرڻ جي باري ۾ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڪجھ فرمان پڙهون ٿا ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا ۽ انهن فرمانن جي روشنيءَ ۾ اسان پنهنجي زندگي کي وڏيڪ بهتر بڻائي سگهون ٿا. جيئن تہ:

مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ نفلي اعتڪاف جي برڪت

(1) صحابي رسول حضرت ثوبان رَضِیَ اللہُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ الله پاڪ جي پياري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "جيڪو مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ مسجد ۾ ترسي ۽ باجماعت نماز ادا ڪري ۽ نماز ۽ تلاوت کان سواءِ ڪا بہ ڳالھ نہ ڪري، تہ الله پاڪ جي ذمي ڪرم تي آهي تہ ان لاءِ جنت ۾ ٻہ اهڙا محل ٺاهي جن جو پاڻ ۾ فاصلو 100 سالن جي مسافت جي برابر هجي ۽ ان لاءِ ٻنهي محلن جي وچ ۾ وڻ لڳائيندو تہ جيڪڏهن اهل دنيا ان جو چڪر لڳائين تہ اهو انهن سڀني کي ڪافي ٿي وڃي." [i]

هي ثواب ڪجھ شرطن سان مشروط آهي، جن مان هڪ هي آهي تہ مغرب جي نماز باجماعت ادا ڪري، جيڪڏهن اڪيلي نماز پڙهي تہ هي ثواب نہ ملندو. ٻي اها تہ نماز باجماعت مسجد ۾ ادا ڪئي وڃي، ۽ ان مان مراد محلي جي مسجد آهي، تنهنڪري جيڪڏهن ڪنهن پنهنجي گهر ۾ جماعت سان نماز پڙهي يا پنهنجي گهر جي ويجهو ڪنهن ننڍڙي مسجد ۾ جيڪا محلي جي مسجد نہ هجي تہ ان کي هي ثواب حاصل نہ ٿيندو ۽ ٽيون هيءُ تہ فرض نماز کان پوءِ تسبيح مڪمل ڪري ساڳئي جاءِ تي ويٺو رهي جتي نماز پڙهي آهي، مجبوريءَ کان سواءِ نہ اٿي نہ تہ ثواب نہ ملندو. [ii]

مغرب کان پوءِ نفلَ ادا ڪرڻ جي برڪت

(2) مسلمانن جي پياري امڙ حضرت بي بي عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ عَنْهَا کان روايت آهي تہ الله پاڪ جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "الله پاڪ وٽ افضل نماز، مغرب جي نماز آهي، ان کي نہ ئي مسافر کان گهٽ ڪيو ويو ۽ نہ ئي مقيم کان، ان جي ذريعي رات جي نماز شروع فرمائي ۽ ڏينهن جي نماز ختم فرمائي تہ جنهن شخص نماز مغرب پڙهي ۽ ان کان پوءِ ٻہ رڪعتون پڙهيون، الله پاڪ ان لاءِ جنت ۾ ٻہ محل بڻائيندو. "روايت ڪندڙ فرمائي ٿو تہ مون کي معلوم نہ آهي تہ اهي ٻہ محل سون جا هوندا يا چانديءَ جا." ۽ جنهن چار رڪعتون پڙهيون الله پاڪ ان جا 20 سالن جا گناھ معاف فرمائيندو. يا فرمايو: 40 سالن جا گناھ معاف فرمائيندو." [iii]

(3) هڪ روايت ۾ الفاظ ائين آهن تہ نبي ڪريم، رووؤف رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "الله پاڪ

ڪي نماز مغرب کان وڏيڪ ڪا بہ نماز محبوب نہ آهي، ان جي ذريعي ٻانهو پنهنجي رات جو آغاز ڪندو آهي ۽ پنهنجي ڏينهن جو اختتام ڪندو آهي. الله پاڪ ان ڪي نہ مسافر کان ساقط (يعني ختم) ڪيو آهي ۽ نہ مقيم کان، جنهن مغرب جي نماز کان پوءِ ٻہ رڪعتون پڙهيون ۽ ڪنهن سان ڳالھ ٻولھ نہ ڪئي تہ هو عليين (يعني بلند درجي) ۾ لکيو ويندو آهي يا عليين ۾ ان جو درجو بلند ڪيو ويندو آهي، ۽ جيڪڏهن ان هي نماز پڙهي ۽ ان کان پوءِ چار رڪعتون پڙهيون ۽ ڪنهن سان ڳالھ ٻولھ نہ ڪئي تہ الله پاڪ ان لاءِ ہہ محل ٺاهيندو آهي جيڪي موتين ۽ ياقوت سان سينگاريل هوندا ۽ انهن جي وچ ۾ اهڙيون جنتون هونديون جن جو علم الله پاڪ کان سواءِ ڪنهن کي نہ آهي ۽ جيڪڏهن ان هي نماز پڙهي ۽ ان کان پوءِ ڇهہ رڪعتون پڙهيون ۽ ڪنهن سان ڳالھ ٻولھ نہ ڪئي تہ ان جا چاليهہ سالن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا آهن." (iv)

اي عاشقانِ رسول! اسان کي فرض نمازن سان گڏ نفل نمازن ڏانهن بہ توجهہ ڏيڻ گهرجي ۽ الله پاڪ جي رضا لاءِ خوب خوب نفل نمازون بہ ادا ڪرڻ گهرجن.

سورت اخلاص پڙهڻ جي برڪت

(4) الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو "قل هو الله احد (سورت اخلاص) 10 دفعا پڙهي، الله پاڪ ان لاءِ جنت ۾ هڪ محل تيار ڪندو ۽ جيڪو 20 دفعا پڙهي، الله پاڪ ان جي برڪت سان جنت ۾ ٻہ محل ٺاهيندو ۽ جيڪو 30 دفعا پڙهي الله پاڪ ان جي برڪت سان جنت ۾ ٽي محل تيار ڪندو."

حضرت عمر بن خطاب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! پوءِ تہ الله پاڪ جو قسم اسان پنهنجا محل تمام گهڻا ٺاهينداسين. پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: "الله پاڪ ان کان بہ وڏيڪ وسعت وارو آهي." (v)

حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ان روايت جي هيٺان لکن ٿا: "هي حديث شريف مطلق آهي، يعني هي سورت زندگي ۾ هڪ دفعو پڙهي يا روزانو، ٻنهي صورتن ۾ الله پاڪ جو فضل ۽ ڪرم تمام وسيع آهي." (vi)

عشاء کان پوءِ ٻن نفلن جو ثواب ۽ جنتي محل

(5) حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما کان روايت آهي، "جيڪو عشاء کان پوءِ 2 رڪعتون پڙهندو ۽ هر رڪعت ۾ سورت فاتحہ کان پوءِ 15 دفعا ﴿قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ﴾ (مڪمل سورت) پڙهندو، الله پاڪ ان لاءِ جنت ۾ 2 اهڙا محل تعمير ڪندو جنهن کي اهل جنت ڏسندا." (vii)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! انهن حديثن تي عمل ڪري اسان نہ رڳو پنهنجي دنيا کي سنواري سگهون ٿا بلڪ آخرت ۾ بہ ڪاميابي حاصل ڪري سگهون ٿا. الله پاڪ اسان کي خوب نيڪيون ڪري جنتي محل حاصل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

(i) الترغيب فى فضائل الاعمال لابن شاہين، ص31،حديث:75
(ii) اتحاف السادة للمتقين للزبيدى، 616/3
(iii) قوت القلوب، 58/1) (تفسير القرطبى، جزء ثالث، ج2/ 159بتغيرٍ
(iv) الترغيب فى فضائل الاعمال لابن شاہين، ص31،حديث:74
(v) سنن دارمى، 552/2، حديث:3429
(vi) اشعة اللمعات، 156/2
(vii) تفسير دُرِّمَنْثُور، 681/8

اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا

مفتي محمد قاسم عطاري

(1) سجدي ۾ عورت عذر جي ڪري پيٽ رانن سان نہ لڳائي تہ ڇا ٿيندو؟

سوال: علماء دين ۽ مفتيان شرع متين هن مسئلي جي باري ۾ ڇا ٿا فرمائن تہ هڪ اهڙي عورت جيڪا حاملہ (پيٽ سان) آهي، ان کي سجدي ۾ پنهنجي پيٽ کي رانن سان لڳائڻ ۾ تڪليف ۽ آزمائش ٿئي ٿي. عام حالت ۾ تہ ممڪن هو، پر هاڻي حمل جو ستون مهينو آهي، جنهن سبب معمول مطابق سجدو ڪرڻ مشڪل آهي. ڇا هوءَ پيٽ کي رانن سان لڳائڻ کانسواءِ ڪجھ مٿي رهي، يعني پيٽ کي ڪجھ مٿي رکي سجدو ڪري سگھي ٿي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

جيڪڏهن عورت کي حاملہ هجڻ يا ڪنهن بہ ٻئي عذر جي ڪري پيٽ کي رانن سان لڳائڻ ڏکيو ۽ تڪليف ڏيندڙ هجي تہ پيٽ کي رانن کان جدا رکي سجدو ڪري سگھي ٿي. ان ۾ شرعاً ڪو بہ حرج نہ آهي، ڇو تہ عورت جي حق ۾ سميٽجي رانن کي پيٽ سان لڳائيندي سجدو ڪرڻ سجدي جي سنتن مان آهي. فقيهن عورت جي سجدي جي ڪيفيت بيان ڪندي ”ينبغي للمرأة“ ۽ ”السنة فی حقها“ جا جملا استعمال ڪيا آهن، جيڪي هن طريقي جي ”سنتِ سجده“ هجڻ جي دليل آهي، تنهنڪري عذر جي ڪري هن انداز کي ڇڏڻ جي بہ اجازت آهي، بلڪ جڏهن ان کانسواءِ ممڪن نہ آهي تہ ائين ڪرڻ ضروري هوندو، ۽ اسان جو دين اسلام مرد ۽ عورت کي انهن جي طاقت ۽ حالت مطابق ئي مڪلف بڻائيندو آهي، جيئن تہ: الله تعاليٰ ارشاد فرمايو: ﴿لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفۡسًا اِلَّا وُسۡعَهَا﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: الله ڪنهن جان تي ان جي طاقت جي برابر ئي بار وجھندو آهي. (سورت البقره، پارهه 3، آيت 286)

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(2) ڇا دورانِ نفاس ادا ڪيل نمازءِ نفلي روزي جي قضا آهي؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماء دين ۽ مفتيان شرع متين هن مسئلي جي باري ۾ تہ هڪ عورت کي پهرين ڀار جي ولادت کان پوءِ ڪجھ ڏينهن رت اچي رڪجي ويو. ڪجھ ڏينهن انتظار ڪرڻ کان پوءِ، هي سمجھي تہ هاڻي ٻيهر رت نہ ايندو، ان عورت غسل ڪري نمازون پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيون، ڇو تہ محرم جو مهينو هو ان ڪري نفلي روزا بہ رکڻ شروع ڪري ڇڏيا، پر چاليھ ڏينهن مڪمل ٿيڻ کان پهريان، مثال طور ايڪٽيهين ڏينهن ٻيهر رت اچي ويو ۽ ڪجھ ڏينهن اچي چاليھ ڏينهن جي اندر مڪمل طور تي رڪجي ويو. هاڻي سوال هي آهي تہ مٿي ڄاڻايل عورت ان وقفي دوران جيڪي نمازون پڙهيون ۽ نفلي روزا رکيا، تہ

ڇا اهي شرعاً درست هئا يا انهن جي قضا لازم
آهي؟ ۽ روزي جي حالت ۾ جيڪو ٻيهر رت
آيو، ته ڇا اهو روزو ٽٽي ويو؟ ۽ جيڪڏهن ٽٽي
ويو، ته ڇا ان جي قضا لازم آهي؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ مٿي ڄاڻايل عورت جون نمازون ۽ روزا نه ٿيا ۽ نه ئي ان تي انهن جي قضا لازم آهي، ائين ئي ايامِ نفاس ۾ جنهن نفلي روزي دوران نفاس جو رت آيو، ان جي به قضا لازم نه آهي جو اهو روزو شروع ئي نه ٿيو.

مسئلي جي تفصيل هي آهي ته ٻار جي ولادت کان پوءِ چاليهه ڏينهن مڪمل ٿيڻ کان پهريان رت رڪجي وڃي ۽ ڪجهه ڏينهن جي وقفي کان پوءِ چاليهه ڏينهن جي اندر(مثال طور ايڪٽيهين ڏينهن) ٻيهر رت اچي وڃي، ته شرعي طور تي ٻار جي پيدائش کان وٺي آخري رت بند ٿيڻ تائين جو پورو عرصو نفاس شمار ٿيندو، پلي وچ جي ڪجهه ڏينهن ۾ رت نه آيو هجي، ان دوران عورت جيڪي نمازون ادا ڪيون يا روزا رکيا، ته اهي نه ٿيا جو اهي عبادتون حالتِ نفاس ۾ ادا ڪيون ويون، جڏهن ته نفاس نماز ۽ روزو ٻنهي کان مانع آهي، تنهنڪري پاڪ ٿيڻ کان پوءِ به انهن جي قضا لازم نه آهي، البت جيڪڏهن فرض، واجب روزا هجن ها، ته شرعاً لازم هجڻ جي ڪري انهن جي قضا لازم هجي ها.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



مايوس نہ ٿيو

ابوالاكرام سيد بهرام حسين شاه عطاري مدني

الله پاڪ پنهنجي حڪمت ۽ مشيت سان ماڻهن کي مختلف حالتن ۾ رکيو آهي، ڪنهن کي غني ڪيو تہ ڪنهن کي فقير، ڪنهن کي مالدار تہ ڪنهن کي نادار، ڪنهن کي مالڪ تہ ڪنهن کي مملوڪ، الغرض الله پاڪ جنهن کي جنهن حال ۾ چاهيندو آهي رکندو آهي. ائين ئي ڪاميابي هجي يا ناڪامي، راحت هجي يا مصيبت، نفعو هجي يا نقصان، درحقيقت سڀ الله پاڪ جي طرفان آهن. انسان کي گهرجي تہ هر حال ۾ الله پاڪ جي عطا ۽ رضا تي صابر و شاڪر رهي. ڪجھ ماڻهن جي اها عادت هوندي آهي تہ جڏهن کين نعمتون ملي رهيون هجن ۽ ترقيون حاصل ٿي رهيون هجن تہ هو انهن تي خوش ٿيندا ۽ خوشيءَ ۾ ناهن ماپيندا پر جيئن ئي ڪنهن بيماري يا پريشاني، آفت يا مصيبت، ڪاروبار يا امتحان وغيره ۾ ناڪامي ٿي وڃي تہ فورا پريشان بلڪ مايوس ٿي ويندا آهن. انسان جي هن ڪمزوري کي بيان ڪندي الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: ﴿لَا یَسْــٴَـمُ الْاِنْسَانُ مِنْ دُعَآءِ الْخَیْرِ٘-وَ اِنْ مَّسَّهُ الشَّرُّ فَیَــٴُـوْسٌ قَنُوْطٌ(۴۹)﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: انسان ڀلائي گهرڻ کان ناهي ٿڪجندو ۽ جيڪڏهن ان کي ڪا برائي پهچي تہ گهڻو نااميد، وڏو مايوس ٿي ويندو آهي. (پ 25، حٰمٓ السجدة: 49)

دين اسلام جي روشن ۽ اعليٰ تعليمات هن مصيبت ۽ پريشاني واري وقت ۾ بہ پنهنجن پوئلڳن جي مڪمل رهنمائي ڪندي انهن کي مايوسي (Depression) جي اونداهين مان ڪڍي اميد جي شاهراھ تي گامزن ڪندي آهي. دين اسلام جي روشن ۽ اعليٰ تعليمات جي مطابق هڪ مسلمان لاءِ لازم آهي تہ هو مايوس ٿيڻ جي بدران اميد جو دامن هٿ ۾ رکي. پنهنجي عمل جي ڪوتاهي تي نظر ڪندي الله پاڪ جي عذاب کان ڊڄندو رهي ۽ ان سان گڏ الله پاڪ جي رحمت جو اميدوار بہ رهي. دنيا ۾ بلڪل بي خوف ٿي وڃڻ يا الله پاڪ جي رحمت کان بلڪل ئي مايوس ٿي وڃڻ اهي ٻئي حالتون ڪفار جون بيان ڪيون ويون آهن.

جيئن تہ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: ﴿اَفَاَمِنُوْا مَكْرَ اللّٰهِۚ-فَلَا یَاْمَنُ مَكْرَ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْخٰسِرُوْنَ۠(۹۹)﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا اهي الله جي خفيہ

تدبير کان بي خوف آهن پوءِ الله جي خفيہ تدبيرڪان صرف تباھ ٿيڻ وارا ماڻهو ئي بي خوف ٿيندا آهن. (پ 9، الاعراف:99) وڌيڪ ارشاد فرمايو: ﴿ وَلَا تَايْــَٔسُوْا مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ لَا یَایْــَٔسُ مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْكٰفِرُوْنَ(۸۷) ﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ الله جي رحمت کان مايوس نہ ٿيو، بيشڪ الله جي رحمت کان ڪافر ئي نا اميد ٿيندا آهن. (پ 13، يوسف:87)

اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪنهن انسان کان بشري تقاضا جي ڪري گناھ سرزد ٿي وڃن ۽ اهي ايترا گهڻا هجن جو آسمان جي بلندين تائين پهچي وڃن تہ بہ ڪيس رحمتِ الهيٰ کان مايوس نہ ٿيڻ گهرجي ڇو تہ الله پاڪ جي رحمت تمام وڏي آهي. الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: ﴿ قُلْ یٰعِبَادِیَ الَّذِیْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰۤى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ یَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِیْعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِیْمُ(۵۳) ﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: اوهان فرمايو: اي منهنجا اهي ٻانهؤ جن پنهنجي پاڻ تي زيادتي ڪئي! الله جي رحمت کان مايوس نہ ٿجو. بيشڪ الله سمورا گناھ بخشي ڇڏيندو آهي، بيشڪ اهو ئي بخشڻ وارو مهربان آهي. (پ 24، الزمر:53) هن آيت ۾ جيتوڻيڪ هڪ خاص شيءِ جي حوالي سان الله تعاليٰ جي رحمت کان مايوس ٿيڻ کان منع فرمايو ويو آهي پر عمومي طور تي هر حوالي سان الله تعاليٰ جي رحمت کان مايوس ۽ نا اميد ٿيڻ منع آهي، تنهنڪري هر شخص کي گهرجي تہ هو زندگي ۾ ايندڙ لڳاتار مصيبتن، مشڪلن ۽ ڏکيائين جي ڪري الله تعاليٰ جي رحمت کان هرگز مايوس ۽ نا اميد نہ ٿئي ڇو تہ هي ڪافرن ۽ گمراهن جو وصف ۽ ڪبيره گناھ آهي.

(صراط الجنان، پ 24، الزمر، تحت الآية:53، 489/8)

احاديث مبارڪ ۾ بہ مايوسي جي سخت ممانعت آئي آهي، جيئن تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سوال ڪيو ويو تہ ڪبيره گناھ ڪهڙا آهن؟ تہ پاڻ ارشاد فرمايو: "الله پاڪ سان ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ، ان جي رحمت کان مايوس ٿيڻ ۽ ان جي خفيہ تدبير کان بي خوف رهڻ." (معجم ڪبير، 156/9، حديث:8784) حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: "ٻن ڳالهين ۾ هلاڪت آهي: (1) مايوسي (2) خود پسندي." هي قول نقل ڪرڻ کان پوءِ امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ انهن ٻن ڳالهين کي گڏ فرمايو ڇو تہ سعادت جو حصول ڪوشش، طلب، محنت ۽ ارادي کان سواءِ ناممڪن آهي ۽ مايوس ماڻهو نہ ڪوشش ڪندو آهي ۽ نہ ئي طلب ڪندو آهي جڏهن تہ خود پسند شخص هي نظريو رکندو آهي تہ هو خوش بخت آهي ۽ پنهنجي مراد

جي حصول ۾ ڪامياب ٿي چڪو آهي ان ڪري هو ڪوشش ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي.

(احياء علوم الدين، 452/3)

ديني يا دنياوي ڪنهن به طرح جو مسئلو هجي همت نه هارڻ گهرجي، جَمي ان جو مقابلو ڪجي ۽ مايوسي کي پنهنجي ويجهو به نه اچڻ ڏجي جو ڪڏهن ڪڏهن مايوسي جي ڪري ٻانهو جان بلڪ ايمان کان به ويندو آهي. ڪيترائي ماڻهو قرضن، ناچاقين ۽ معاشي حالتن کان مايوس ٿي خودڪشي ڪندا آهن، ائين ئي ڪيترائي ماڻهو مايوسي جي ڪري ڪفريه جملا بڪندا آهن. هر مايوسي جيتوڻيڪ ڪفر نه آهي البت ڪجهه صورتون اهڙيون آهن جيڪي ڪفر تائين وٺي وڃن ٿيون. جيئن ته شيخ طريقت، امير اهل سنت حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: "ڪڏهن ڪڏهن مختلف آفتن، دنياوي معاملن يا بيماري جي علاج ۽ خرچن وغيره جي سلسلي ۾ ماڻهو همت هاري مايوس ٿي ويندو آهي، اهڙي قسم جي مايوسي ڪفر نه آهي. رحمت کان مايوسي جي ڪفر هجڻ جون صورتون هي آهن: الله عزوجل کي قادر نه سمجهي يا الله تعاليٰ کي عالم نه سمجهي يا الله تعاليٰ کي بخيل سمجهي."

(ڪفريه ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب، ص483)

ياد رکو! حالتون هميشه هڪجهڙيون نه رهنديون آهن، مشڪل کان پوءِ آساني ۽ تنگي کان پوءِ خوشحالي ضرور ملندي آهي. ظاهري اسباب جي ختم ٿيڻ کي ڏسڻ جي بدران خالق اسباب ڏانهن نظر ڪريو ۽ ان سان لو لڳايو يقينًا الله پاڪ انهن مسئلن مان نڪرڻ جي ڪا نه ڪا راهه ڪڍي ڇڏيندو. الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: ﴿وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا ۙ﴿۲﴾ وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ ؕ﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: "۽ جيڪو الله کان ڊڄي الله ان جي لاءِ نڪرڻ جو رستو بڻائي ڇڏيندو. ۽ ان کي اتان روزي ڏيندو جتان ان جو گمان به نه هوندو. (پ 28، الطلاق:2، 3) تنهنڪري پاڻ به مايوس نه ٿيو ۽ ٻين کي به مايوس نه ٿيڻ ڏيو.

ڪجهه ماڻهن جي هرويرو مايوسي پکيڙڻ جي عادت هوندي آهي، ڪنهن جو ڪاربار ۾ نقصان ٿي وڃي ته ان جو حوصلو وڌائڻ جي بدران چوندا: هي ڪڏهن به ڪاروبار ۾ ڪامياب نه ٿي سگهندو. ڪنهن مريض جي عيادت ڪرڻ ويندا ته مريض کي دلاسو ڏيڻ ۽ ان جي همت وڌائڻ جي بدران چوندا: اوهان جي بيماري تمام سخت آهي، فلاڻي شخص کي به اها ئي بيماري هئي ته ويچارو ڪجهه ڏينهن ۾ ئي مري ويو. ڪنهن گنهگار دنيا

دار شخص کي ڏسي ان کي توبہ تي آماده ڪرڻ جي بدران چوندا: ان کي ڪڏهن توبہ جي توفيق نہ ملندي، جيڪڏهن ان توبہ ڪري بہ ورتي تہ ان جي توبہ قبول نہ ٿيندي وغيره وغيره. اهڙن ماڻهن کي هن حديث پاڪ مان عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي. جيئن تہ حضرت زيد بن اسلم رَضِيَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ پهرين امت ۾ هڪ شخص گهڻي عبادت سان پنهنجي نفس تي سختي ڪندو هو ۽ ماڻهن کي رحمت الهيٰ کان مايوس ڪندو هو. جڏهن ان جو انتقال ٿيو تہ ڪنهن خواب ۾ ڏٺو تہ هو الله پاڪ جي بارگاه ۾ حاضر آهي ۽ عرض ڪري رهيو آهي: اي منهنجا رب! منهنجي لاءِ تنهنجي بارگاه ۾ ڇا اجر آهي؟ تہ بارگاهِ خداوندي کان جواب مليو: باھ. عرض ڪيائين: منهنجي عبادت ۽ رياضت ڪيڏانهن وئي؟ ارشاد فرمايو: "تون دنيا ۾ ماڻهن کي منهنجي رحمت کان مايوس ڪندو هئين، اڄ مان توکي پنهنجي رحمت کان مايوس ڪري ڇڏيندس."

(مصنف عبدالرزاق، 261/10، حديث: 20728)

الله پاڪ اسان کي پنهنجي رحمت کان اميد رکڻ ۽ مايوسي کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم






پنهنجي بزرگن کي ياد رکو

مولانا حاجي ابوماجد محمد شاهد عطاري مدني

جماڏي الأُخريٰ اسلامي سال جو ڇهون مهينو آهي. هن ۾ جن صحابہ ڪرام، علماءِ اسلام ۽ اولياء عظام جو وصال ٿيو، تن مان 122 جو مختصر ذڪر ماهوار فيضانِ مدينہ جماڏي الأُخريٰ 1438ھ کان 1446ھ جي شمارن ۾ ڪيو ويو آهي، وڌيڪ 12 جو تعارف هيٺ ڏسو:

صحابہ ڪرام عَلَیہِمُ الرِّضوان:

(1) حضرت عبدالله بن مقداد رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا جليلُ القدر بدري صحابي حضرت مقداد ڪِندي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ۽ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي چاچي جي ڌيءُ حضرت ضُباعہ بنتِ زبير بن عبدالمطلب رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا جا صاحبزاده، صحابي رسول ۽ مجاهد هئا. هي جنگِ جمل 36ھ ۾ شهيد ٿيا.[1]

(2) حضرت عبدالرحمٰن بن عُبيدالله تيمي قرشي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ مشهور عشره مبشره صحابي حضرت طلحہ بن عبيدالله رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو ڀاءُ هو، هن پنهنجي ڀاءُ سان گڏ جنگِ جمل ۾ جماڏي الأُخريٰ 36ھ تي جامِ شهادت نوش فرمايو.[2]

اولياء ڪرام رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہِمْ:

(3) اِمامُ الاولياء حضرت خواجہ قدوةُ الدّين ابو احمد ابدال حسني رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي ولادت 26 رمضان 260ھ تي چشت، صوبي هرات، افغانستان جي هڪ معزز سيد گهراڻي ۾ ٿي ۽ هتي ئي 95 سالن جي عمر ۾ جماڏي الأُخريٰ 355ھ تي وفات ڪيائين، مزار مبارڪ پيدائش واري جاءِ تي آهي، پاڻ ويهہ سالن جي عمر ۾ تصوف ڏانهن متوجهہ ٿيا ۽ مَسندِ قطبيت تي فائز ٿيا. سندن ڪرامتون گهڻيون آهن.[3]

(4) خازنُ الرّحمت حضرت مولانا شيخ محمد سعيد سرهندي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي ولادت ماهِ شعبان 1005ھ ۾ سرهند شريف ۽ وفات 27 جماڏي الأُخريٰ 1070ھ يا 1071ھ تي ٿي، تدفين والد گرامي حضرت شيخ مجدّد الف ثاني جي پرسان ڪئي وئي، پاڻ والد گرامي جا شاگرد، عوام و خواص جا مرجع، باڪرامت ولي الله ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جا مصنّف هئا.[4]

(5) پيرِ طريقت مفتي عبدالعلي مستالوي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ عالم و مفتي، مناظر و مصنف ۽ باني آستانہ عاليہ مستال شريف آهن. سندن ولادت مستال شريف آءِ نائن، اسلام آباد ۾ ٿي ۽ وصال 5 جماڏي الأُخريٰ 1332ھ تي

فرمايائون، مزار مستال شريف، آءِ نائن، اسلام آباد ۾ آهي.[5]

(6) خواجه خان محمد تونسوي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ جي پيدائش 1334ھ تي تونسان شريف ۾ ٿي ۽ 6 جمادي الأخريٰ 1399ھ تي ڪراچي ۾ وصال فرمايائون. تدفين آستانه عاليه پير پٺاڻ، تونسان شريف ضلع ڏيره غازي خان ۾ ڪئي وئي. پاڻ شريعت و طريقت جا جامع، شڪل و صورت ۾ پير پٺاڻ جا نمونا و مشابه، خواجه محمد حامد تونسوي جا صاحبزاده، آستاني عمارتون ناهڻ جا شوقين، آستانه عاليه پير پٺاڻ جا سجاده نشين هئا.[6]

علماءِ اسلام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام:

(7) شيخ الاسلام حضرت امام قاضي ابو عامر محمود بن قاسم أزدي هروي مُهَلَّبي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ولادت 400ھ تي هرات، افغانستان ۾ ٿي ۽ وصال 8 جمادي الأخريٰ 487ھ ۾ ٿيو. پاڻ عظيم فقيه شافعي، قاضي و فقيه، امام الوقت، محدث و مُسند، مرجع خاص و عام ۽ زهد و تقويٰ و وَرْع جا پيڪر هئا.[7]

(8) شيخ الاسلام، ناصر الملّت والدين حضرت امام ابونصر محمد بن سالم طبلاوي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جي ولادت مرڪز تلاء صوبي منوفيه، مصر ۾ 866ھ ۾ ٿي ۽ 10 جمادي الأخريٰ 966ھ تي سندن وصال ٿيو. پاڻ عالم اجل، استاذُالعلماء، مَرجع علما و طلباء، ڪثيرُالعبادت، حسن اخلاق جا مالڪ، عاجزي و انڪساري جا پيڪر ۽ صفاتُ الاولياء سان متصف هئا. بِدَايَةُ الْقَارِي فِي خَتْمِ الْبُخَارِي ۽ مُرْشِدَةُ الْمُشْتَغِلِين فِي أَحْكَامِ النُّونِ السَّاكِنَةِ وَالتَّنْوِين سندن تصنيفون آهن.[8]

(9) نور الملّت والدين، حضرت ابن غانم علي بن محمد خزرجي عبادي مقدّسي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جي ولادت ذوالقعده 920ھ تي قاهره مصر ۾ ٿي ۽ هتي ئي 18 جمادي الأخريٰ 1004ھ ۾ وصال فرمايائون، تدفين تُربت مجاورين ۾ علّامه سراج هندي جي پرسان ٿي. پاڻ وڏا عالمَ، حجّة الاسلام، گهڻو سفر ڪندڙ، امام الائمه، بيحد ذهين، ڪيئي ڪتابن جا مصنف، شمس العلوم و المعارف، امام المحققين، ڏهين صدي هجري جا مجدّد ۽ أڪابر علماء احناف مان هئا. بَغْيَةُ الْمُرْتَادِ لِتَصْحِيحِ الضَّاد سندن 12 ڪتابن ۾ اهم آهي.[9]

(10) حضرت شيخ ابو النجا سالم بن محمد عز الدين سنهوري مصري مالڪي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه محدث ڪبير، خاتمة الحفاظ، مفتي مالڪيه، جامع علوم و فنون هئا، فقه مالڪي ۾ سندن ڪتاب تَيْسِيرُالْمَلِكِ الْجَلِيلُ المعروف مُخْتَصَرُ خَلِيلُ آهي. سندن پيدائش تقريباً 945ھ تي سنهور المدينه، صوبي ڪفر الشيخ مصر ۾ ٿي، علم دين قاهره ۾ حاصل ڪري اتي ئي خدمتون پيش ڪيائون، سندن وصال 3 جمادي الأخريٰ 1015ھ تي ٿيو ۽ مجاورين قبرستان ۾ دفن ڪيا ويا.[10]

(11) شيخ القراء حضرت امام شمسُ الدين محمد بن قاسم بقري شناوي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي ولادت 1014 ھ تي دارالبقر، محلة الكبريٰ، صوبہ غربيہ، مصر ۾ ٿي. پاڻ حافظ قرآن، بهترين قاري ۽ شافعي فقيہ هجڻ سان گڏ بهترين مصنّف پڻ هئا، غُنۡيَةُ الطَّالِبِيۡن وَ مُنۡيَةُ الرَّاغِبِيۡن فِي تَجۡوِيۡدِ الۡقُرۡآنِ الۡعَظِيۡم سندن يادگار ڪتاب آهي، سندن وصال 14 جماديٰ الأخريٰ 1111ھ تي ٿيو. [11]

(12) مولانا قاضي عبدالسلام شمس آبادي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي پيدائش 1323ھ تي شمس آباد، تحصيل حضرو ضلع اٽڪ جي علمي گهراڻي ۾ ٿي ۽ وصال 8 جمادي الأخريٰ 1413ھ ۾ فرمايائون، تدفين مقامي قبرستان ۾ ٿي. پاڻ فاضل دارُالعلوم حزب الاحناف لاهور، خليفہ اعليٰ حضرت جا شاگرد، مدرس ڊسٽرڪٽ جيل اسلام آباد، طريقي اسلاف جا پابند ۽ ترويج ۽ اشاعت دين جي جذبي سان سينگاريل هئا. [12]

---

(1) الاصابہ، 22/5-اسد الغابہ، 265/5- 192/7، 193

(2) الاستيعاب، 382/2

(3) تحفة الابرار،ص52تا54-اقتباس الانوار، ص277تا284

(4) روضة القيوميہ،463/1تا 470- لطائف المدينہ، ص12

(5) انسائیکلوپیڈیا اولیائے کرام، 280/2

(6) حضرت خواجہ خان محمدصاحب تونسوی،ص6تا9

(7) طبقات شافعيہ سبکی،327/5-سير اعلام النبلاء،128/14-التقييد لمعرفة رواة السنن و المسانيد،جز2، ص790

(8) امتاع الفضلاء بتراجم القراء، 282/2تا 284-کواکب السائرة، 32/2- شذرات الذهب،410/8

(9) خلاصة الاثر،180/3تا185- امتاع الفضلاء بتراجم القراء، 253/2تا 256

(10) الاعلام للزرکلی،72/3-خلاصة الاثر،204/2

(11) تاريخ عجائب الآثار فی التراجم والاخبار ، 116/1- معجم المؤلفين، 593/3

(12) تذکره علمائے اہل سنت ضلع اٹک،ص76تا78،158،وغيره

جمادي الآخريٰ جا
ڪجھ اهم واقعا

تاريخ/مهينو/سن	نالو/واقعو	وڌيڪ معلومات لاءِ پڙهو
1 جمادي الآخر1102ھ	يومِ وصال سلطان العارفين حضرت سخي سلطان باهو سروري قادري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه	ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الآخريٰ 1438ھ ۽ "فيضانِ سلطان باهو"
5 جماد الآخري 672ھ	يومِ عرس مولانا جلال الدين محمد بن محمد رومي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه	ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الآخريٰ 1439ھ
9 جماد الآخر544ھ	يومِ وصال حضرت امام قاضي عياض مالڪي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه	ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الآخر 1438ھ
14 جماد الآخر 189 ھ	يومِ وصال شاگردِ امامِ اعظم، امام محمد بن حسن شيباني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه	ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الآخر1440ھ
14 جماد الآخر 505ھ	يومِ عرس حجة الاسلام امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه	ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الآخر1439ھ ۽ "فيضانِ امام غزالي"
19 جماد الآخريٰ 1382ھ	يومِ وصال خليفہ اعليٰ حضرت، مولانا محمد ظفرالدين رضوي بهاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه	ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الآخر1438ھ
22 جماد الآخريٰ 13ھ	يومِ عرس مسلمانن جا پهريان خليفا حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه	ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الآخر 1438ھ کان 1445ھ ۽ "فيضانِ صديق اڪبر"
24 جماد الآخر1375ھ	يومِ وصال تاج العلماء، حضرت سيد شاه اولاد رسول محمد ميان ماهروي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه	ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الآخر1438ھ
26جمادي الآخريٰ 410ھ	يومِ وصال حضرت شيخ ابوالفضل عبدالواحد تميمي حنبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه	ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الآخريٰ 1438ھ
جمادي الآخريٰ 36ھ	شهادتِ مبارڪ حضرت طلحہ بن عبيدالله ۽ حضرت زبير بن عوام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا	المدينۃ العلميہ جا 2 رسالا (1) حضرت طلحہ بن عبيدالله (2) حضرت زبير بن عوام

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.
اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

" ماهوار فيضانِ مدينہ " جا شمارا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان ڊائون لوڊ ڪري پڙهو ۽ ٻين کي شيئر بہ ڪريو.



ڏيئرن ۾ خود اعتمادي ڪيئن پيدا ڪجي؟

(ام ميلاد عطاريہ)

خود اعتمادي (Self-confidence) هڪ اهڙي ذهني ڪيفيت ۽ اخلاقي وصف آهي جنهن ۾ انسان کي پنهنجي ذات، صلاحيتن ۽ فيصلن تي يقين ۽ ڀروسو هوندو آهي. هي وصف نہ رڳو پسنديده آهي بلڪ ڪامياب زندگي گذارڻ لاءِ ضروري بہ آهي. "خود اعتمادي جو مطلب آهي: پنهنجي صلاحيتن کي سڃاڻڻ، انهن تي ڀروسو، ۽ الله تي توڪل، سان عمل ڪرڻ".

اسان پنهنجي باري ۾ ڇا سوچون ۽ محسوس ڪريون ٿا هي سوچ ۽ احساس ئي هڪ انسان کي پنهنجي ذات تي اعتماد ڏين ٿا يا احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا ڪن ٿا. خود اعتمادي تي ڳالهيون تہ تمام گهڻيون ٿين ٿيون پر عموماً ان جي مطلب ۽ مفهوم کي نظرانداز ڪري خاص طور تي ٻارن جي تناظر (Perspective) ۾ ان تي تمام گهٽ بحث ٿيندو آهي. ٻار جيئن جيئن وڏا ٿيندا آهن اهي ٻين جي لفظن ۽ رويّن سان پنهنجي باري ۾ راءِ قائم ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا آهن، اهم ڳالھ اها آهي تہ والدين جا لفظ ۽ رويا ٻارن جي راءِ ناهڻ ۾ سڀ کان وڌيڪ موثر هوندا آهن. هي والدين تي منحصر آهي تہ پنهنجي ٻار کي خود اعتمادي جهڙي اهم صفت پيدا ڪرڻ ۾ ڪيئن مدد ڪن ٿا يا انهن کي احساسِ ڪمتريءَ ۾ مبتلا شخصيت بڻائڻ جو ڪم ڪن ٿا. خود اعتمادي ٻارن جي رويي، انهن جي ذاتي توانائي ۽ هر عمر ٻارن جي پريشر کي منهن ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي آهي، ان سان گڏ انهن جي سکڻ، نيون ۽ اصل شيون پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ۽ جسماني نشونما لاءِ بہ اهم آهي. اڄ جي مادي ۽ ظاهري چمڪ دمڪ واري دور ۾ ٻارن، خاص ڪري ڏيئرن کي پنهنجي اصل قدر و قيمت جو شعور ڏيڻ ضروري آهي. اسلامي تعليمات ۽ جديد نفسياتي اصولن کي ملائي اسان هڪ اهڙو ماحول ناهي سگهون ٿا جتي ڏيئرون نہ رڳو پاڻ کي باوقار سمجهن بلڪ اعتماد سان دنيا جو مقابلو بہ ڪن. ڌيءَ کي هي احساس ڏياريو تہ هوءَ الله جي عزتدار مخلوق آهي.

نماز، دعا، ۽ ذڪر سان دل کي سڪون ملندو آهي، جيڪو اندروني اعتماد کي مضبوط ڪندو آهي. هروقت باوضو رهڻ جي عادت سان جتي ٻيا بي شمار فائدا ۽ برڪتون حاصل ٿينديون آهن اتي احساس ڪمتريءَ کان بہ نجات ملندي آهي.

(حافظہ کیسے مظبوط ہو؟ ص96)

ٻارن کي هي سيکاريو تہ ڪاميابي رڳو پئسي يا شهرت جو نالو نہ آهي، بلڪ علم، اخلاق، ۽ خدمتِ خلق بہ ڪاميابي آهي.

ڏيئرن کي اهڙين عورتن جا مثال ڏيو جن علم،

دين، ۽ خدمت جي ذريعي مقام حاصل ڪيو. جيئن حضرت خديجه، حضرت فاطمه، حضرت عائشه رَضِيَ اللهُ عَنْهن ۽ ٻيون صحابياڻيون ۽ ولياڻيون يا موجوده دور جون مسلمان باوقار عورتون.

گهر ۾ اهڙو مثبت ماحول ٺاهيو جتي ڌيءَ جي ڳالهه کي اهميت ڏني وڃي، هوءَ ڪنهن خوف کان سواءِ پنهنجي ڳالهه کُلي ڪري سگهي، چاهي پنهنجي پريشاني هجي يا ڪو به مسئلو هجي هوءَ بااعتماد انداز سان اوهان سان شيئر ڪري. عموماً هن شيءِ ۾ گهٽتائي ڏني وئي آهي ۽ ڇوڪريون گهر کان ٻاهر ڪو پريشان يا هراسان ڪري رهيو هوندو آهي ته ڇوڪريون پنهنجي اعتماد جي گهٽتائي يا گهروارن جي منفي رد عمل کان گهٻرائي ڪجهه به نه ٻڌائينديون آهن ۽ مسئلو الجهي ان ڇوڪري جي زندگي کي تباهي جي ڏانهن وٺي ويندو آهي.

انهن سان حقيقي دلچسپي جو اظهار ڪريو، مثال طور گهر جي مختلف مسئلن ۾ راءِ پڇو، انهن جي راءِ جو احترام ڪريو، انهن جي نظريي سان سوچي ڏسو جيڪڏهن ان راءِ ۾ ڪا خرابي هجي ته ان کان به انهن کي آگاهه ڪريو ته جيئن انهن کي اندازو ٿي سگهي ته انهن جي راءِ ڪيئن درست ٿي سگهي ٿي، ڪٿي ڇا غلطي ٿي رهي آهي. اختلاف راءِ ضرور هجي پر مخالفت نه هجي، انهن تي پنهنجو حڪم ٿوپڻ جي بدران انهن کي ٻه يا وڌيڪ آپشن ڏيو.

ٻارن کي پنهنجي مثبت خانداني روايتن (جيڪي شريعت سان نه ٽڪرائجن) سان جوڙيو ته جيئن اهي پنهنجي ذات کي مضبوط ۽ قابل فخر سمجهي سگهن، ياد رکو ته ٻارن جي انفراديت کي تسليم ڪرڻ ۽ انهن کي احترام ڏيڻ، انهن کي ٻين جي ترجيحات جو احترام ڪرڻ به سيکاريندو.

ڌيءَ کي ٻين سان ڀيٽ ڪرڻ کان روڪيو ۽ پاڻ به ان جي ڪنهن سان ڀيٽ نه ڪريو ته اهڙيءَ طرح انهن ۾ خود اعتمادي ختم ۽ ڪمتري ۽ حسد جهڙيون خرابيون وڌيڪ پيدا ٿيڻ لڳنديون آهن. انهن کي سيکاريو ته هر انسان منفرد آهي، ۽ انهن جي خوبين جو انداز الڳ آهي.

انهن جي تعريف ۽ حوصله افزائي ڪريو: انهن جي ننڍين وڏين ڪاميابين تي خوشي ملهايو ۽ انهن جي خوبين کي سڃاڻي انهن جي تعريف ڪريو.

سوشل ميڊيا جي اثرن کان بچائڻ لاءِ تربيت ڏيو ته آن لائن دنيا اڪثر مصنوعي هوندي آهي.

ڌيءَ کي هي سيکاريو ته غلطي ڪرڻ ڪمزوري نه آهي، بلڪ سکڻ جو موقعو آهي.

پنهنجي زندگي جي ننڍين ناڪامين کي ان سان شيئر ڪريو ته جيئن هوءَ ڄاڻي سگهي ته هر انسان سکندو آهي.

انهن کي تعليم ۽ مختلف هنر سيکاريو، آرٽ، ڊيزائن، ڪوڪنگ يا تحرير جتي هوءَ پنهنجي صلاحيتن جو اظهار ڪري سگهي، ته جيئن هوءَ پاڻ کي مضبوط ۽ قابل محسوس ڪري.

تعريفي جملا روزمره جي گفتگو ۾ شامل ڪريو: "اوهان سمجهدار آهيو"، "الله اوهان کي خاص بڻايو آهي".

انهن کي پنهنجا ڪم پاڻ ڪرڻ جي ترغيب ڏيو،

صحت جو خيال رکڻ سيکاريو، تہ جيئن هوءَ پاڻ کي قدر جي نگاهہ سان ڏسي سگهي.

ٻارن سان محبت جو اظهار ڪريو چاهي لفظن جي لڙهي جي صورت ۾ هجي يا مٽي تي هٿ رکڻ سان، هي ٻارن ۾ خود اعتمادي لاءِ بيحد ضروري آهي.

خود اعتمادي جون نشانيون:

★ انسان فيصلو ڪرڻ ۾ گهبراهٽ محسوس نہ ڪندو آهي.

★ناڪامي کان نہ گهبرائيندو آهي بلڪ ان کي سکڻ جو موقعو سمجهندو آهي.

★الله تي ڀروسو رکندي پنهنجي ڪوشش جاري رکندو آهي. ترجمو ڪنزالعرفان: "پوءِ جڏهن ڪنهن ڳالهہ جو پڪو ارادو ڪري وٺو تہ الله تي ڀروسو ڪيو. (آل عمران: 159)

هيءَ ڳالهہ بہ قابل غور آهي تہ خود اعتمادي ۽ تڪبر ظاهري طور تي هڪ جهڙا لڳي سگهن ٿا، پر انهن جي وچ ۾ نيت، رويي ۽ اثرات جي اعتبار سان گهڻو فرق آهي. پنهنجي صلاحيتن تي ڀروسو ۽ الله تي توڪل "خود اعتمادي". پاڻ کي ٻين کان بهتر سمجهڻ "تڪبر". مثبت، اصلاحي، ۽ تعميري نيت "خود اعتمادي". منفي، خود پسندانہ، ۽ تحقير آميز نيت "تڪبر". خود اعتمادي جو نتيجو: عزت، ڪاميابي، ۽ ماڻهن جو اعتماد.

تڪبر جو نتيجو: ذلت، نفرت، ۽ الله جو غضب.

عملي فرق ڪيئن سڃاڻجي؟ جيڪڏهن پنهنجي ڪاميابي تي شڪر ادا ڪندا آهيو ۽ ٻين جي عزت ڪندا آهيو، تہ هي خود اعتمادي آهي. جيڪڏهن ٻين کي حقير سمجهندا آهيو ۽ پنهنجي وڏائي جتائيندا آهيو، تہ هي تڪبر آهي.

الله پاڪ اسان سڀني کي خود اعتمادي جي نعمت عطا ڪري ۽ تڪبر کان محفوظ رکي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

عطار جو دعا

يا رب المصطفٰي بطفيل المصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو بہ ماهوار فيضان مدينہ جي هڪ سال جي بڪنگ ڪرائي ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياري ۽ يا الله پاڪ جيڪو بہ منهنجو مدني پٽ يا مدني ڌيءُ هن (ماهوار فيضان مدينہ) جي بڪنگ ۽ ترغيب جي معاملي ۾ حصو وٺي انهن سڀني کان هميشہ لاءِ راضي ٿي وڃ ۽ ايمان جي سلامتي مهر لڳاءِ، تيستائين موت نہ اچي جيستائين تاجدار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خواب ۾ جلوو نہ ڏسي وٺن. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ماهوار فيضان مدينہ جو ساليانو بڪنگ پيڪيج

اردو ماهوار رنگين: 3700 روپيا — اردو ماهوار سادو: 2300 روپيا

انگريزي ماهوار رنگين: 5500 روپيا — عربي ماهوار رنگين: 2000 روپيا (سال جا 4 شمارا)

هڪ ئي ايڊريس تي 10 يا ان کان وڌيڪ بڪنگ ڪرائڻ تي خاص رعايت

رنگين ماهوار: 3200 روپيا (500 روپيا بچت) — سادو ماهوار: 1800 روپيا (500 روپيا بچت)

وڏن شهرن ۾ خاص رعايت آفر

مڪتبة المدينہ جون اهي برانچون جيڪي مدني مرڪز فيضان مدينہ، جامعۃ المدينہ (ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن لاءِ) جي ويجهو آهن، انهن تي خاص رعايت آفر (هن آفر ۾ هر ماهوار مڪتبة المدينہ مان حاصل ڪرڻو پوندو)

رنگين ماهوار: 2600 روپيا — سادو ماهوار: 1300 روپيا

انگريزي ماهوار: 5400 روپيا — عربي ماهوار: 1800 روپيا (سال جا چار شمارا)

بڪنگ ڪٿان ڪرائجي؟

1. مڪتبة المدينہ جون برانچون
2. مجلس تقسيم رسالن جا ذميوار
3. ويب سائيٽ دعوت اسلامي www.dawateislami.net
4. ويب سائيٽ مڪتبة المدينہ www.maktabatulmadinah.com
5. ڪال سينٽر تي ڪال، ميسيج ۽ واٽس اپ جي ذريعي ڪال: 0313-1139278



فيضانِ مدينہ، محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدینہ (کراچی)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net



978-969-722-869-0

01130328

